ھک بیو مسبکا

کملا بھیاٹی

ٻه اکر

هيءَ ڪماري ڪملا جو ٻيو ڪتاب آهي. پهريون ڪتاب ٻه پڙهڻ جو اوسر مليو اٿم جڏهن ٻاهت اڳيئي مشهور ليکڪ ايشور چندر ڪهاڻين ۽ پڪاڻن ٻاٻت اوک ٻوک ڪري چڪو آهي.

هن ڪتاب ۽ اڳين ڪتاب ۾ چڱو انتر آهي. آکاڻيون، ٻولي، وڏيڪ وڌندڙ ۽ نکندڙ آهي. آکاڻي "ٻيو مسيحا" پڙهڻ کان پوءِ محسوس ٿو ٿئي ته اڄڪلهه جا جوان وديش ۾ پڙهي پنيان ڪئين نه، ديوانا آهن جو ملڪ ۾ انسان ذات جي شيوا ڪرڻ ڀلائي ويٺا آهن.

"سنگتراش" آکاڻي ڏيکاري ٿي ته ڪئين نه ماڻهو هنر جي پنيان پنهنجي جان ڏئي ٿو. "ڪر شيوا ته ملنئي ميوا" اڄ ڪلهه جي حالتن لي اُهکندڙ آهي. "ضرورت مند انسان" ۾ جيڪو مثال ڏنل آهي اهڙي ٻڙوڻش سياه جا ماڻهو اڄ ڪلهه اڻ لڀ آهن. "۽ ممتا مري وئي" آکاڻي دل کي ڇهندڙ آهي ۽ ٻيو دفعو پڙهڻ لائق آهي. ڪئين نه هڪ انسان شراب جي لت کان حيوان ٿي ٿو وڃي ته ٻئي پاسي هڪ ناري ڪئين نه ديوي ٿي ثابت ٿئي. ٻيون به جيڪي

HIK BIYO MASIHA

(Short Stories)

*

By :
Miss Kamla Bakhtiani
Lecturer (Sindhi)
Maharaja Girls Higher Sec. School,
Bani Park, Jaipur.

*

First Edition : 1987

*

Price : Rs. 20/-

*

Publisher :
Pankaj Publication
477, Adarsh Nagar,
JAIPUR (Raj.) 302004

*

Printer :
Kaushal Printing Press
3, Dayanand Market,
Kaisar Ganj,
AJMER - 305 001

*

© With author

فهرست ڪهاڻيون

صفحو نمبر	ڪهاڻي
7	1. هڪ ٻيو مسيحا
15	2. ڇا ممتا مري وئي ؟
25	3. پيار جي ڳالهه
30	4. سک جو ساگر
43	5. سنگتراش
48	6. ڪر شيوا ته ملني ميوا
61	7. لاعلاج مرض
70	8. أمـــانت
80	9. صورتمند انسان
86	10. پياڻيءَ جو پاڇ

آڪاٽيون آهن اهي ۽ شروع ڪرڻ کان پوءِ پوري پڙهڻ لاءِ مجبور ڪن ٿيون.

گهڻي ڀاڱي زال ذات ۽ ڇوڪرين گهرو ڪم کان اڳيون ڪونهن. ڪملا کي شاباس هجي جو اُن هوندي به ۽ پاڙهڻ جي ڪم هوندي به، وقت ڪڍي، ڪتاب لکي، اهو سندس سنڌيت لاءِ حب ۽ اُتساهه آهي جنهن لاءِ هوءَ بيشڪ داد لهڻي ۽ جس جي ڀاڳي آهي. شاباس اٿس. سندس لکڻ ڏسندي، اهو وقت پري ڪونهي جو هوءَ اڳيان هلي هڪ اوچ ڪوٽيءَ جي ليکڪائن ۾ شمار ڪئي ويندي.

منهنجون ڪملا لاءِ هيٺر ۽ اڳتي لاءِ شڀ ڪامنائون.

تيرٿ ڀڳت
ڊسٽرڪٽ ۽ سيشن جج (رٽائرڊ)
پريزيڊنٽ سنڌو ويلفيئر سوسائٽي ۽
ائڊوائيزر پوڄ سنڌي سينٽرل پنچايت، جئپور

هڪ ٻيو مسيحا

اڄ رٽائرمينٽ جي نزديڪ اچي ويو آهيان. سڄي زندگي ڄڻ جفاڪشي، ڀڄ ڊوڙ ۽ هاءِ هاءِ ۾ گذري وئي، پر ڪجهه سوچڻ جي فرصت ئي ڪونه ملي. پر اڄ اچانڪ هن ساٺيڪي ۽ ايڪانت جڳهه تي اچي ڄڻ زندگيءَ جي انهن ورقن کي ورائڻ جي ضرورت محسوس ٿيڻ لڳي.

دماغ تي زور ڏئي سوچڻ تي ياد ٿو اچيم ٻالپڻ جو اهو وقت جڏهن مان ۽ امر گڏ رهندا هئاسين. هونئن ته گهڻيئي سهاڻي هئا پر وقت جي ڌنڌ ۾ اهي غائب ٿي ويا ڄڻ انهن ۾ ياد ڪرڻ جوڳو ڪجهه هئو ئي ڪونه. پر امر! امر منهنجي لاءِ آدرش سهاڻي هو، جڏهن اسان ٻنهي جي مالي حالت ۾ ڏينهن رات جو فرق هئو. هو هڪ امير سول سرجن جو پٽ هو. چمڪندڙ ٻه ٻه ڪارون هن جي در تي بيٺيون هونديون هيون. گيٽ تي سپاهي هردم مستعد رهندو

ٻئي جو منهن ڏسڻ لڳا. ڀلا هو نادان ڇا ڄاڻن ته هو
ڇا ٿيندا؟ پر پوءِ همت ڪري ڪنهن چيو پروفيسر، ته
ڪنهن چيو انجنيئر، ڪنهن ماستر ته ڪنهن منسٽر.
جڏهن منهنجي واري آئي ته مون چيو ته مان
پرأڻڪاري ٿيندس، ڇو جو منهنجا ماءُ پيءُ هميشه
مونکي پرأڻڪار جو سبق سيکاريندا هئا. جڏهن
أُم ڪان پڇيو ويو ته ڇهائين مان ڊاڪٽر ٿيندس. سو
ٺيڪ به هئو. ڊاڪٽر جو پٽ ڊاڪٽر ٿي ٿيندو انهيءَ
۾ ڪو شڪ ڪونهي. أُم جو پيءُ ته هڪي ڊاڪٽري
پڙهي به سگهي ٿو. خير ڳالهه آئي وئي ٿي وئي.

ڏهري ڏهري جيئن ڏاڪڻ چڙهجي اسان به تعليم
جا ڏاڪا پار ڪندا پنهنجي روزي روٽيءَ جي
ڏاڪي تي اچي پهتاسين. پڙ وسين ته أُم ڊاڪٽريءَ
لاءِ ولايت وڃڻو هو پر ويو ڪونه. هن جي پيءُ گهڻو
ٿي سمجهايس ته پٽ! اُتان وڏي ڊگري وٺي ايندين
ته آئينده چڱي ويندءِ. سڀ ڪو پيو سائين
ڪندءِ. ڏس مهاتما گانڌي به ته انگلنڊ مان بئرسٽري
ڪري آيو هئو. تون ڊگري ته وٺ پوءِ جيڪي وڻيئي
سو پيو ڪجانءِ.' پر أُم پنهنجي ارادي تي اٽل رهيو
چئي 'دادا، ڇا اسان جي ڀارت ۾ ڪا ڪمي آهي
ڪيان جي؟ جيڪي جوان ۽ اُنهن جا ماءُ پيءُ ولايت
جو خرچ برداشت نٿا ڪري سگهن اُهي به ته همت

هئو ۽ آئي وٽي ڪي ڦڙليءَ سان سلام ٺوڪيندو هو. ٽماڙ عاليشان بلڊنگ سڄي شهر جو ٽڪ ٻڌي پاسندي هئي، ته به اُن ۾ اهم ڀاڱو ڪونه هئو. ٽڪو هن جي پتا ڊاڪٽر واسديو ۾ ٿي اهم هو. هو ڪامڪ، حليم ۽ پريمي انسان هو. سڄي شهر جا مريض سندس خوش طبع ۽ زنده دليءَ جي تعريف ڪندا هئا. اڌ شفا ته هن کي هن جي همدرديءَ ۽ خوشمزاجيءَ مان ئي حاصل ٿي ويندي هئي.

اُن شاهد پيءُ جا ٿي گڻ ڪٺي ڄائو هو. هن جو گهر الدوان ۾ اسان ڏٺو هو. اُن پنهنجي جنم ڏينهن تي سڀني سهپاٺين کي گهرائي خوب کارائيندو پيئاريندو ۽ راند روند ڪندو هو. پوءِ ڪار ۾ واري پنهنجي پنهنجي گهر ڇڏي ايندو هو. گهر شاهي ۽ سينگاريل هوس. هن ۾ وڏا وڏا پلنگ، صوفا ۽ ميزون هيون جن تي چمڪندڙ ڪور چڙهيل هوندا هئا. ڪمرن ۾ غاليچا اهڙا نرم جو پير هين ۾ کپي ويندا هئا. شاندار فانوس جڳهه مڳهه پيا ڪندا هئا. عاليشان باغ به هوس. سڀ شاهد انهيءَ کي چوندا آهن. ڪلپنا ۾ اسان سڀئي اهڙوئي سوچيندا هئاسين. پلا اُن وقت اسان جي عمر ئي ڇا هئي؟ چوٿين يا پنجين ڪلاس ۾ مس هئاسين، جو هڪ دفعي اتفاق سان ماستر پڇي ورتو 'توهان وڏا ٿي ڇا ٿيڻ چاهيندا؟' سڀ ٻار واڙا ٿي هڪ

ها نه ڳالهه تي ڪير نه مان نه بدنصيب ۽ قسمت
جو ماريل هوس تي. مائٽن جي حيثيت تي ڪونه هئي
ڊاڪٽري پڙهائڻ جي، سو ڪمپائونڊري پاس ڪري
تي صبر ڪرڻو پيو. مڙهوئي روزي روٽيءَ کي لڳي
ويس.

پڙهي انسان جو پهريون آديش ته هوندو آهي
روزي روٽي ڪمائڻ، پيا آديش نه ڪيڏا پاسيرا رهجي
ويندا آهن. سو مان پرائڪار جي ماستر کي ڏنل وچن
کي اڻتروٽي پال ڏنو جيترو ڪمپائونڊر مريض کي دوا
ڏئي پيسا پڻي بندي اُن جي بدلي پيٽ پالڻ لاءِ هر
مهني هڪ بڌي رقم جو همت پراچڻ جو انتظار ڪري.

سال ٿي ويا پر پرائڪار جي ڳالهه اڄ ٿي ياد
اچيم. سو به ٽڪ هن جڏهن اڄ هن نديڙي، تمام نديڙي
ڳوٺ ۾ منهنجي بدلي ٿي آهي. پر هتي جي اسپتال
ڏسي اکيون ڇرڻ کليون رهجي ويون آهن.

مونکي انڌر تي انڌر ۾ الائي ڇو ڳوٺن مان نفرت
ويٺل هئي. اُتان جي غريبن، اڻپڙهيل ۽ جاهل ماڻهن
کان مونکي سخت نفرت هئي. نه اُنهن کي صاف رهڻ
جي تميز هئي نه تندرستيءَ جي نيمن جي ڄاڻ.
ميرا ڪپڙا جن مان بانس پئي ايندي آهي برداشت
کان ٻاهر هئا. پر ڪيان ڇا هئس رٽائرمينٽ لي اچي
بيٺو آهيان نه سرڪاري حڪم به نه وڄائڻو تي

ٿي ڊاڪٽري پاس ٿيا ڪن. پلا مهاتما گانڌيءَ به ته اُتان ڊگري وٺڻ ڪانپوءِ به هت سيوا ۽ پراُپڪار جا ڪم ٿي ڪيا. مان به اُن اعليٰ انسان جي آدرش تي هلندس. مان به ڊاڪٽري انلاءِ ٿو ڪيان جيئن غريبن ۽ بيسهارا مريضن جو سهارو بڻجان. اُنهن جو ٿورو به ڏک دور ڪري سگهان ته مان پنهنجو جيون سڦل سمجهندس، پر پرديس وڃي ٻين جي غلامي ڪونه ڪندس.

اُن جو پيءُ چڻ عرش تان ڪريو. هن پٽ سان ڪهڙيون نه اُميدون رکيون هيون ته هو ولائت وڃي خوب پئسو ۽ نالو ڪمائيندو پر هن ته سندس منصوبن تي پاڻي ڦيري ڇڏيو. وري به سمجهائيندي پيار سان پٺيءَ تي هٿ ڦيريندي چيائينس — 'پٽ ڊاڪٽري پيشو ته آهي ئي سيوا لاءِ. پر انسان کي ناموس سان گڏ ناڻو به ته کپي! ٿوڪي هٿ ڇا ملندو؟ اڄ هرڪو نوجوان ولايت وڃي ڪمائڻ جا سپنا پيو لهي. وديشن ۾ ماڻهو ڪمائي ڦاٽي پيا آهن. وديشي ڊگريون وٺڻ لاءِ پاهه پيا پچائين ۽ تون آهين جو آئيءَ ٽالهيءَ کي لت پيو هڻين.'

پر اُن ڪو نه مڃيو. هو بمبئيءَ ڊاڪٽري پڙهڻ لاءِ راضي ٿيو ۽ پوءِ ڊاڪٽر ٿي ڪيڏانهن ويو اها خبر ئي ڪونه پئي.

مريض صبوح شام پارڪ ۾ گهمندا ۽ صحت حاصل ڪندا آهن. ٻارن لاءِ اسڪولي تعليم مفت آهي. هت شيوا ڀاوي ڊاڪٽر ئي رکيا ويندا آهن جيڪي پنهنجي کان وڌيڪ شيوا ۾ وشواس رکن.

اهو سڀ ڏٺي مان ته عجب ۾ پئجي ويس. شهر جي ڊاڪٽرن جهڙو ورتاءُ مريضن سان شيوا ڀاءُ جو هوندو آهي يا نه ئي ڀاءُ جو؟ هتي وٽ وقت گهٽ ۽ مريض گهڻا هوندا آهن. جنهن سبب هتي جو سڀاءُ چڙچڙو ۽ رکائيءَ سان ڀريل هوندو آهي. منهنجي ته مرڪ هتي جي ڏٺي ايندي آهي جڏهن پرائيويٽ پريڪٽيس مهل مريض لوٽ ڪڍي ايندا آهن.

اهو سڀ سوچيندي ته سچي عمر شهر ۾ اڪري ولي ته آلما ڪي هاٿي ملي سو پرائيڪار جو موقعو مان ان درويش جا درشن ڪرڻ لاءِ آتو ٿيڻ لڳس. مون منشيءَ کان پڇيو ته سائين اهي پرائيڪاري آهن ڪير؟ ته چيائون آهي هڪ لکپتي پر رهڻي سادي ۽ وهار اتم. وڏا ڪاروبار ۽ بلڊنگون هئڻ پر سڀ وڪڻي ناٿو هت دان ۾ لڳائي ڇڏيائين.

اتي ۾ هڪ جيپ ڌرمشالا جي سامهون اچي بيٺي. شايد ڊاڪٽر ڪنهن مريض کي پرسان پڇڻ ۾ ڌيڻ ويو هئو. جيپ مان ڊاڪٽر جو لهڻ هو ۽ جيڪو

پوندو ٿو؟

اسپتال تمام صاف سٿري، شاهي ۽ سائنٽيفڪ جاءِ تي ٺهيل هئي. صفائي اهڙي جو سڀي ڪري ته ڏسڻ ۾ اچي. نرسون ۽ ڊاڪٽر پنهنجي پوشاڪ ۾ چستيءَ ۽ ڦڙتيءَ جو نمونو پيا پيش ڪن. شيوا ڀاءُ ۽ مهڪ جڻ هر ڊاڪٽر جي خون ۾ وسيل هئي. جڻ ڪنهن چوندي شيوا ڀاوي ڊاڪٽر هت اچي گڏ ڪيا هجن.

اسپتال کان ٿورو پري هڪ ٽميڙي پر اکين کي موهيندڙ بلڊنگ هئي جيڪا ڌرمشالا هئي. جيئن باهريان مريض ۽ انهن جا سنڀاليندڙ اتي آرام سان رهي سگهن. جنهن سان لڳل ڊاڪٽرن لاءِ بنگلا هئا، وچ تي هڪ وڏو سندر سرسبز باغ هو جنهن ۾ طرح طرح جا گل ڦل ڏاڍي ترتيب سان لڳل هئا ۽ هر راهگير کي پاڻ ڏانهن اچڻ جي نيند پيا ڏين.

مونکي لڳو ٿي ڪوله پٽي نه ڳوٺ ۾ نه مونکي ڪو اهڙو واتاورڻ ملندو. ڌرمشالا ۾ سامان رکي هٿ منهن ڌوئي مان ڌرمشالا جي منشيءَ وٽ اچي ويٺس. حال چال وٺندي خبر پئي ته هيءَ اسپتال، ڌرمشالا، باغ ۽ هتان ٿورو پري ڳوٺ ۾ اسڪول سڀ هڪ دياوان ڊاڪٽر ٺهرايا آهن ۽ پنهنجي تي رقم ڪي دان ۾ ڏيئي هلائين پيا ٿا. هت اسپتال ۾ مريض کي مفت دوائون ۽ کاڌو ميسر ڪيا ويندا آهن.

ڇا ممتا مري وڃي؟

هن جي گود ۾ مهيني کن جو ٻار مس هئو. هوءَ ڊاڪٽر گدواڻيءَ جي ڪلنڪ جي در تي ويٺي هئي ۽ حسرت ڀري نظر سان اُن ٻار جي چهري ڏانهن نهاري رهي هئي. ٻار جون اکيون ٻوٽيل هيون. سرير ۾ ڪا چرپر به ڪونه هئس. اڃان ڊاڪٽر ڪلنڪ ۾ ڪونه آيو هو.

ڊاڪٽر جي ڪار جيئن اچي بيٺي ممتا سڌي مريضن کان پهرين ڊاڪٽر وٽ ڪاهي آئي ’جي‘ ڊاڪٽر منهنجي ٻلوءَ کي ڏسو جلد ڪيو بلڪل صبوح کان جاڳي ئي نٿو. ڊاڪٽر ڇتائي ٻار ڏانهن نهاريو پوءِ اسٽراسڪوپ سان ٻار جي جاچ ڪئي، نبض ٽٽاسي، پر هٿ نه ڪجهه هٿ لڳي ڪين، ٻار مري چڪو هئو. ڊاڪٽر مايوسيءَ سان چيو، ’توهان سان گڏ ڪير آيو آهي؟‘ ممتا – هـا، هـا، پوءِ هيڏانهن ڊاڪٽر توهان کي

جتي بيٺو هو اُتي ئي اُٿي بيهي رهيو. ڊاڪٽر جڏهن ڏٺو لڳهي سڀ شردا وچان سلامي پيا ڏين .

منشيءَ اشاري ۾ چيو ”هيءُ اُتو اهو فرشتو يا زمين تي ديوتا چئو، ديوتا! ڌرتيءَ تي جڻ هڪ ٻئي مسيحا جو جنم دکي منشن جا دک دور ڪرڻ لاءِ ليو آهي.“

ڊاڪٽر جيئن منهنجي ڀرسان لنگهيو مون اُتي نمسڪار ڪئي. ڊاڪٽر جيئن ڪارو چشمو اکين تان لاٿو هن جو منهن ڏسي منهنجي منهن مان نڪري ويو ”اُم“ مان اُم کي سڃاڻي ويس. منهنجي اکين مان ڳوڙها وهي اُم جا چرڻ ڌوئڻ لڳا. مان شردا وچان منهنجي منهن جا اکر جڻ منهن ۾ ئي ڄمي ويا. جڻ مان پرايڪار جي ڏنل وچن جو پراشچت ڪندو هجان.

اُم مونکي سڃاڻو ۽ چڪي ٻنهنجي ڀاڪر ۾ ڀري ڇاتيءَ سان لڳايو.

هن جو هيانءُ لئي ڦاٿو. صرف ٻچڙي جي مرهٽي مورت ئي هن جي اکين ۾ سمايل هئي ٻيو ڪجهه به نه.

گهر پهچڻ شرط ممتا ٻار کي هڪ ڪمري ۾ سمهاري سترام جي سامهون شرابي وانگر گجڻ لڳي، "تون ئي آهين منهنجي ٻارن جو هتيارو، تو ڪئي ڏينهن راس شراب ڪئي، ممتا ڇا ٿي چئو آهي اها سماجت نڪري وئي اٿئي. هيءُ منهنجو ٻيون لعل آهي جنهنکو مون کي سڪائي وري وهي ٿو هاي. جن ٻارن لاءِ دوا ۽ ماءُ لاءِ روٽي به ميسر نه ٿيندي آهي جيئندا ڪيئن؟ پاڻي، دشت، تون ئي آهين منهنجي ٻارن جو هتيارو ۽ ممتا روئڻ ۾ اچي ٿڪي.

ٻيءَ ڪنهن مهل جڏهن ممتا اهڙي لمولي ڳالهائي ها ته هولد سترام هن جا هڏ گڏ ڀڃي ڇڏي ها پر هن نازڪ موقعي تي هو هوڊ پاڻ کي ڏوهاري سمجهي رهيو هو. وقت جي نزاڪت ڏسندي چپ ٿي رهيو. هڪ ماءُ جي ممتا ڪيئن ديواني ٿي ڳالهائي رهي هئي ڪجهه سمجهڻ جي ڪوشش ٻيو ڪري. ڪجهه جهڙي پيت....

ٻن ٻارن جي موت کان پوءِ ممتا کي پنهنجو جيئڻ بيسود پئي لڳو. هڙي ترڳ جهڙي گهر ۾ رهڻ ڪان سٺو آهي مرڻ. پر مرڻ جي چاهنا ڪرڻ وارن کي موت ڪٿي ٿو اچي؟

سڏين ٿا.

سترامداس ڊاڪٽر وٽ آيو. ڊاڪٽر سترام کي پنهنجي ڪمري ۾ وٺي وڃي ٻڌايو ته ٻار ختم ٿي چڪو آهي، توهان اچڻ ۾ دير ڪئي آهي. ٻڌندي ئي سترام ڦڙتيءَ سان ٻاهر نڪري آيو ۽ ممتا کي پنهنجي اچڻ جو اشارو ڪيائين. ممتا رڙيون ڪندي چيو، 'ڊاڪٽر منهنجي ٻلوءَ کي دوا ڏيو، چو ڪا ڏيرس دوا؟'

هڪ ماءُ دل ۾ سمجهي ورتي ته هن جو لعل دوائن جي پهچ کان دور ٿي ويو آهي. منهنجو جاني جگر مون سان بيوفائي ڪري ويو آهي.

سترام ممتا جو هٿ پڪڙي ٻاهر اچي رستي تي تيز قدمن سان هلڻ لڳو. ممتا پنهنجي روئندي ٻار کي ڇاتيءَ سان هيڪاري وڌيڪ چنبڙائيندي پئي آئي. سترام جي منهن تي درد ڀريو احساس بلڪل نه هئو. هو ٻيڙيءَ جو دونهون ڦٽو ڪندو بيفڪرو هلندو پئي ويو. ممتا ٻاڪاريندي پٺيان پئي هلي. رستي ۾ سترام ممتا کي دڙڪا ڏيڻ لڳو 'هاڻي بس ڪر جيڪي ٿيڻو هو سو ٿي چڪو هاڻي رستي تي تماشو نه ڪر.'

پر ممتا کي نه رستو ۽ رستي جا ماڻهو ڪجهه به نظر نه پئي آيا. جيئن ارجن کي صرف جهرڪيءَ جي اک تي ئي ڌيان هو، تيئن ممتا جي نظر به صرف پنهنجي معصوم جي منهن تي ئي هئي. ٻچڙي جي ممتا سان

بس ......

سترام خود نه پيئڻ کان پوءِ ٽيوڻ ۽ مڇيءَ جي طلب ڪندو هو باقي ممتا نه سڪيءَ روٽيءَ لئي ٿي صبر ڪندي هئي. سترام ٻاهر ٿي پنهنجي ڪمائي خرچ ڪري ايندو هو ۽ گهر ۾ ڪڏهن ٻيو ويلو به ممتا کي نصيب نه ٿيندو هو.

پاڙي ۾ ممتا جي هڪ ساهيڙي ڀڳونتي رهندي هئي. ٻئي هڪ ٻئي جي پيٽ پئجي ويون هيون. ڀڳونتيءَ کي پاڙي ۾ سڀ ڀاڳي ڪري ڪوٺيندا هئا. تمام سٺي سڀاءَ جـــي هئي. ممتا جي درد جو ساٿي هڪ هوءَ ئي هئي. هوءَ ممتا کي ڀيڻ ڪري سمجهندي هئي. ڀاڳيءَ جو مڙس به سترام سان مزوري ڪندو هئو. پر هو تمام سلڇڻو هو. شراب کي هٿ به نه لائيندو هو. هيڪاري سترام کي سمجهائيندو هو ته 'شراب زهر آهي، برائن جي جڙ آهي، جهيڙي جو مُول آهي هن کي ڇڏي ڏي'. پر هير ڇني پير واري ڳالهه هئي. شام ٿيندي ئي هو ۽ گتو ۽ هن جي ڪمائيءَ جا پئسا.

ڀاڳيءَ کي اولاد ڪونه هو. پنج سال شاديءَ کي ٿي ويا هئس پر ٻار جي مُنهن ڏسڻ لاءِ پئي زال-مڙس پئي سڪيا. گهڻائي پڇاٽا، ٽوٽا پڇاڻائون، سڳا ڌاڳا

ڌيري ڌيري حالات ساڳيا ٿيڻ لڳا، ممتا گهر جي ڪم ڪار ۾ رڌي وئي ۽ سترام اهائي مزوري ڪري شام جو نرڙو چاڙهي گهر اچي، گار گندو ڪندو، ممتا کي ماريندو ۽ گوڙ مچائيندو هو. اهڙي اهڙي ڳالهه تي گهر کٽي مٿي تي کڻندو هو. ان ڏينهن صرف هن جي خصم جي پاڳل بڻڻ کي ممتا مڃائي نه سگهي هئي. انهن تي جو شور ڪيائين تـه پاڙي وارا اچي مڙيا، گڏهه تون رڳو سوا سير اٽو ڳائڻ لاءِ آهين ڇا؟ توکي ايتري فرصت ڪونهي جو ڪٽي ٻڌڻ لڳائين. زال ذات، تنهنجي اها همت، تون منهنجي جتيءَ جي برابر نه آهين، پاڻ کي سمجهين ڇا ٿي؟' ائين چوندي ڪڍندي ٿي ڪرسي کڻي هيائينس. ممتا جي نراڙ تي نيل پئجي ويا ۽ رت پڻ وهڻ لڳس. اها ته روز جي واردات هئي ڪا اڄ جي نئين ڳالهه ڪانه هئي.

پئي ٿي مهني ممتا کي خبر پئي ته هوءَ وري ماءُ ٿيڻ واري آهي ان خبر سان هن کي خوش ٿيڻ کپندو هو پر هوءَ جڻ اندر لائين ڏکي وئي. هن کي ياد آيو ته ٻهراون لعل اڻن ڏينهن ۾ هليو ويو. ماءُ جي ٿڃ ئي حاصل ڪو نه ٿيس. ممتا کي پلاڪائڻ لاءِ ملندو ئي ڇا هئو جو ٿڃ پو پس؟ هوءَ ڪلي مٿن ڏينهن برئي ڪمائجي وئي ۽ پو هڪ مهيني جو مهمان ٿي آيو ۽

الر پولدو. عيسي ۽ ليسي کي هن ٻار جي صدقي ڪنهن پاسي رکي ڇڏ'. ٻاگيءَ ڪرشن جي هڪ ٻچڙن جي مورت جنهن ۾ هو گوڏن ڀر رڙهي رهيو هو، موهڻي مورت ۾ مسڪائي رهيو هو، هن جي ڪمري ۾ ٽنگي ڇڏي. 'لون هن موهڻي مورت کي صبوح شام ڏسي پوءِ اُٿ ۽ سمهه. ڏسجانءِ هن دفعي ڪرشن جهڙو ڪنهيو ئي جنم وٺندو. ممتا ۾ ساهيڙيءَ جي ڳالهين تي عمل ڪيو. سترام گوڙ ڪندو هو ته هوءَ ڪچهندي ٿي ڪو نه هئي ۽ نه ڪڇڙ ڪري جهڳڙو وڌندو ٿي ڪو نه هئو.

آخر اُهو ڏينهن به آيو جو ممتا هڪ ٻالڪ کي جنم ڏنو. تمام سندر ٻالڪ هو جهڙو ڪرشن جي مورت ۾ ويٺو هو. ٻاگي اسپتال ويئي. هن ڪاڏي پيٽيءَ کير جو پيالو بسڪ ۽ ٻاڻ تي هموار ڪيو. ڏاڍو ڏهان رکياليمس.

ممتا سوچي ڇڏيو هئو ته مهنجي گهر ۾ جي ٻار رهيو ته پين ٻارن وانگر هليو نه ويچي ڇو جو پيءُ ۾ نه ٻارن لاءِ ممتا ٿي نه آهي اَن ڪري پنهنجي ممتا کي ماري اهو ٻار ٻاگيءَ کي ڏني ڇڏيائين ته ڪيڏو نه سٺو ٿئي؟ هوءَ ۾ اولاد جي سڪايل آهي. اسان جي گهر کان سکيو پلبو، پيار ۾ ملندس، سمسڪار ۾ سٺا پوندس. من ايشور موڪان پري رکي ٻار کي وڏي

ٻڌائون، پر چوندا آهن ته جيڪي ليک ۾ لکجي ويو آن کي بدلو بڻائي نٿو سگهجي. ڀڳوان در پيا ٻاڏائيندا هئا، ونتيون پيا ڪندا هئا پر ڀڳوان.... ڀڳوان ته الائي ڪهڙيءَ ڪنڊ ۾ ويٺو هئو جو ٻڌي ئي نه پيو.

ڀاڳي ممتا جي حالت ڏسي روئندي هئي. هن جو پيار ۽ همدردي ڇوليون ماري ممتا جي دک درد کي گهٽ ڪرڻ جي ڪوشش ڪندي هئي. هيڪاري تڏهن جڏهن ممتا جا ٻار هن کي ڌوکو ڏئي وڃڙي ويندا هئا. ڀاڳي ٻارن لاءِ سڪايل هئي. ان ڪري هن دفعي ممتا جي ماءُ ٻڻجڻ جا اهڃاڻ ڏسي هوءِ هن جي وڌيڪ سنڀال ڪرڻ لڳي. چوندي هئس، 'ممتا جڏهن شيءِ ڏي دل ٿئيئي، مونکي بي جهجهڪ چئجي ڏج، مان آڻي ڏيندي سانءِ، آلما کي متان سڪائين.'

ممتا نه شرم کان ڪجهه نه چوندي هئي پر ڀاڳيءَ کي ڄاڻ خبر پئجي ويندي هئي، ممتا جي پسندي ۽ اڇا جي. هوءَ ڪڏهن ممتا لاءِ رڌل ڀاڄيءَ جو ڪٽورو ته ڪڏهن ڪو صوف يا انب يا ڪو فروٽ کڻي ايندي هئي ۽ ممتا کي چوندي هئي 'تون خوش رهه ۽ ايشور جو نالو جپ ته تنهنجا سڀ ڪشٽ ڪٽجي ويندا. جهڙا ماءُ جا وچار هوندا تهڙو ٻار ٿي

شام جو ڀاڳي چانهه وغيره کڻي آئي ته ممتا جي
طبيعت بگڙي پئي آهي. اهو ڏسي هوءَ گهٻرائجي
وئي. هن يڪدم ڊاڪٽر کي سڏ ڪيو. ستارام پڻ شام
جو روز ممتا وٽ ايندو هو، هن وقت پڻ ويٺو هو.
ممتا پنهنجي حالت ڏسي ستارام کي چيو، 'هيڏانهن
هاڻي منهنجي جيئڻ جو مقصد لڳي ٿو پورو ٿي
چڪو آهي منهنجي هلڻ جي ويل ٿي وئي آهي،
سڄي عمر ته مون توهان جي ڳالهه رکي آهي. اڄ
هڪ ڳالهه آخري منهنجي رکڻي پوندو. مون هيءَ ٻار
ڀاڳيءَ کي گود ڏيڻ جو فيصلو ڪيو آهي، سکيو
ڀلبو. ماءُ جي ممتا ته ملندس. ڀاڳي ٻار لاءِ سڪي
پئي هن کي پنهنجو پٽ ڪري پاليندي. هاڻي متان
انڪار ڪرين.

ممتا ستارام جو هٿ پڪڙي ڳوڙها ڳاڙيندي چوندي
رهي 'توهان کي جڏهن ياد اچي ته ڏسي اچجوس.
ٿي ٿو سگهي ڀاڳيءَ جي ڀاڳي هيءَ ٻار عمر دراز رهي.
اسان وٽ ته .... ۽ ستارام ممتا جو منهن ڍڪي
هٿ سان بند ڪيو.

ڳالهائيندي ڳالهائيندي ممتا جو ساهه منجهڻ لڳو.
ڊاڪٽر نبض ڏسي چيو 'رت جي ڪمي ٿي پئي
آهي رت ۽ آڪسيجن ڏيڻو پوندو'. ڊاڪٽر ڦرلسي
ڪٺي سلنڊر گهرائي لڳائڻ لي هو پر سلنڊر لڳي

حياتي ڏئي. هن ٻڌو هو تہ، جن جا ٻار ڪونہ ٿيندا آهن اُنهن کي ماڻهو گروہ يا دربار کي ڏئي ڇڏيندا آهن يا ڪنهن ٻئي کي گود ڏيندا آهن تہ ٻار هنن جي پاڳي ٿيڻي پوندو آهي.

ٽئين ڏينهن پاڳي جڏهن ممتا لاءِ کير وغيرہ کڻي آئي تہ ممتا چيس ’پاڳي مان هڪ وينتي ٿي ڪيانءِ تون ڌيان سان ٻڌ. هيءُ ٻار مان توکي گود ٿي ڏيان، تون هن کي پنهنجي ٻچي وانگر پالج، مان سچ ٿي چوان مان پريان ٿي هن کي ڏسي صبر ڪندس پر اُئين نہ ٿئي ....

ايترو چيائين مس تہ پاڳيءَ کڻي منهن تي هٿ رکيس ٻنهين ساهڙين جي اکين ۾ ممتا ۽ تياڳ جا موتي تري آيا. پاڳيءَ چيو، اڙي تون هيءُ چئين ڇا ٿئي؟ تون ۽ تنهنجو ٻچو بلڪل ٺيڪ رهندا وشواس رک.‘ پر ممتا کي اڳي ئي پروڙ پئجي ويا هئا تہ هن جي جيئڻ جو مقصد ختم ٿي چڪو آهي. چيائين، مان هنن سان شام جو ڳالهہ ڪري ڇڏيندس. هاڻي ٻچو تنهنجو ٿيو ۽ پوءِ ٻئي پاڪر پائي اوڇنگارون ڏئي روئڻ لڳيون. شايد ممتا جي اکين ۾ ممتا جي مرڻ جا آنسو هئا ۽ پاڳيءَ جي اکين ۾ ممتا اُپجڻ جا آنسو هئا. ڏينهن جو پاڳي ڪم ڪار لاهڻ گهر هلي وئي.

پٻار جي ڳالهه

هن جي گهر جي دري هن جي دريءَ جي بلڪل سامهون آهي. ٻنهي درين جي وچ ۾ صرف پندرهن فوٽن جو مفاصلو آهي. پندرهن فوٽن کانپوءِ چار ديواري جي ٽي فوٽ اونچي بائونڊريوال آهي.

هن جي دري ٽئين منزل تي آهي ۽ هن جي هيٺين منزل تي. هن جي دري رسوئيءَ ۾ ٿي کلي ۽ هن جي بيڊڪ ۾. آمهون سامهون دريءَ مان اندر جهاتي پائڻ سان اندريون ڪجهه حصو ڏسجي ٿو سگهي.

اڄ عرصي کانپوءِ هن ڏٺو ته دريءَ ۾ ڪير صبوح کان ويٺو آهي. هڪ پڳل ٽرانزسٽر کڻي هن ڪٽ پٽ مچائي آهي. ٽرانزسٽر سان گڏ پيچ ڪش، ڪنڊچي، ٽيپ وغيره ضرورت جون شيون ٽڙيون پکڙيون پيون آهن ۽ هو اولڏي ڪنڌ هن ٽرانزسٽر کي ٺاهڻ ۾ لڳو پيو آهي.

۽ خون چڙهي اُن کان اڳ ئي ممتا جي حالت بگڙجندي وئي. هن ٻار کي پاڳيءَ جي گود ۾ ڏيندي چيو ته پاڳي اڄ کان تون ٻبوءَ جي ماءُ آهين واعدو ڪر ته هن کي ماءُ جي ممتا ڏيندينءَ اکين جي اوٽ نه ڪندينءَ.'

پاڳيءَ روئندي ٻار کي ڪڇي ڇاتيءَ سان لڳايو. هن کي لڳو ٻار جهي ممتا جي ڪري هن جي ڇاتيءَ ۾ ڄڻ کير ڦٽي پوڻ لڳي آهي. هن کي ته ڄڻ زندگيءَ جي هر نعمت نصيب ٿي وئي هجي.

اُن وقت ممتا کان وڇڙندي ائين پئي لڳو ڄڻ ممتا مري وئي پر پاڳيءَ کي ڏسندي ائين لڳو ته ممتا ته پاڳيءَ جي روپ ۾ زنده آهي. هڪ ممتا مري چڪي هئي پر ٻي جاڳي اٿي هئي.

ممتا جي اکين مان ممتا جا موتي ٽمي رهيا هئا. اکين ۾ ٻبوءَ جي مورت ۽ چپن تي شانتيءَ جي مرڪ هئس ۽ ٿوري دير ۾ ئي هن جو ڪنڌ هڪ طرف ڍرڪي ويو.

سترام ڪڏهن ممتا جو منهن ته ڪڏهن ٻبوءَ جو منهن ڏسندي رومال سان آليون اکيون اُگهڻ جي ناڪام ڪوشش ڪندو ويچارن ۾ گم ٿي ويو.

□

ٻه ٻيءَ دريءَ ڏانهن گهٽي قدر ڪجهي ڪجهي ٿي ويون ۽
رڪجي رڪجي چار اکيون هڪ ٻئي سان ٽڪرائجي پئي
ويون.

پنجين ڏينهن به اهو سلسلو هو. ٽرانزسٽر پرزا پرزا
ٿيو پيو هو. شايد دريءَ وٽ وهڻ جي بهاني ڪرڻ
لاءِ وري کوليو ويو هئو.

اکيون سامهون ٽيڪ ڪيون بيٺيون هيون. اڄ
چئني اکين ۾ هڪ خماري هئي.

ڇهين ڏينهن ته اکين اکين کان هٽڻ ئي نٿي چاهيو
جڻ ڪو ڀنورو ڪمل جي گل جي مٿان ئي پيو
منڊلائيندو هجي. اکين ۾ نشو ڀرجي ويو هو. هڪ
گهري چاهه هئي هنن ۾.

ستين ڏينهن ته اکيون جڻ ڪجهه ڳالهائڻ جي
ڪشمڪش لاءِ اچي سنهري بيٺيون. ٻنهي جو ڪم
ڪار ٺپ لڳو پيو هو.

۽ اٺين ڏينهن ها، اٺين ڏينهن چئني اکين ۾
بيقراري برقرار هئي.

۽ نوءَ ان بيقراريءَ کي هڪ انتظاريءَ اچي ورايو.
اها انتظاري جنهن ڪڏهن ختم ٿيڻ جو نالو ئي نٿي
ورتو.

هاڻي انهن اکين جي گرمي دل جي لهه لائين به
اچي ٻهڪي. بيچيني، بيقراري، بي آرامي ۽ الائجي

هن ڏٺو ته هو هن گهر ۾ هميشه رهندڙ نه آهي. ويچار ڪيائين ته ڪو ٻاهريون مهمان آهي ۽ اليڪٽرونڪ انجنيئر يا ورڪر ٿي ٿو سگهي، سڀ ملائي هن کي ٽرانزسٽر ٺاهڻ جي ڄاڻ آهي تڏهن ئي ڪولي ويٺو آهي.

هن کي رسوئي مان فرصت مشڪل سان ملندي هئي. صبوح جو نيرن ٺاهي، منجهند جو روٽيءَ جو ساڻو، شام جو چانهن جي تياري ۽ وري رات جي روٽي. سڀ ملائي ڏينهن جو وڌيڪ وقت رسوئيءَ ۾ ئي گذرندو هوس.

پر اڄ رسوئيءَ سان گڏ هن دريءَ ڏانهن ڌيان وڌيڪ ٿي ويس پر هوءَ ته اونڌي ڪنڌ ڪم کي لڳو پيو هو.

ٻئي ڏينهن به اهو سلسلو ٽرانزسٽر ۽ اونڌو ڪنڌ.

ٽئين ڏينهن به ٽرانزسٽر پر اڄ ڪنڌ مٿي، شايد هو ڪم ۾ سڦل ٿيو هو ۽ سامهون دريءَ مان ٻن اکين کي پاڻ ڏانهن نهاريندو ڏسي ازخود هن جون اکيون اُنهن اکين سان وڃي ٽڪرايون.

هاڻي اکين سان اکيون وڌيڪ پئي مليون ۽ ٽرانزسٽر ۽ رسوئي ٻئي بهانو هئا.

چوٿين ڏينهن به ٽرانزسٽر دريءَ تي پيو هو پر ڪنڌ ۽ اکيون سامهينءَ دريءَ ڏانهن هيون.

هڏهان رسوئيءَ جي ڪم سان گڏ هن جون اکيون

همٿ ڪري چيائين ”تون ڪنهن ڇوڪر تي چاهين ٿي
ٿي جنهن ڇوڪري تي چاهين!“ هن مٺي مشڪ ڪئي
تي آٽي منهن ٻئي پاسي ڪندي چيو، ”نه مونکي
شرم ٿو اچي.“ هن بيتابيءَ سان چيو ”نه نه شرم
نه ڪر ٻڌائي ڏي ڪهڙي ڇوڪر تي چاهين بيجهجهڪ
ٻڌائي ڏي.“ هن لچارو نوع مان چيو ”مون- مون تي
چيو“ هــن ”ها ها ڇا تي چيو ٻڌائي ڏي جلد ٻڌاءِ“
هن- ”مون تي چيو نه منهنجو ٽرانزسٽر به خراب لڳو
پيو آهي جنڪر ٺاهي سگهو نه...“ ۽ سٽ به ڏاڪڻ
چڙهي مٿي هلي وئي.

ڪھڙيون ڪھڙيون بيماريون اچي اڀريون. مڻ جي چاھہ زور ماريو ۽ مڻ واسطي رستا ڳولھڻ لاءِ دل، دماغ ۽ وچار سڀ ٻوڙڻ لڳا.

پر ھن جو ڏاڪڻ ڪان ھيٺ لھڻ ڄڻ ڀڳوان مڻ وانگر ڏکيو ٿي پر ناممڪن نہ ھئو. ڪھڙي صورت سان گڏجون؟ چپ ڪڇ ڳالھائڻ لاءِ آتا، ڦڙڦڙائيندا ڄڻ بنا ڳالھائي ٿي سڀ ڪي چئي ٿي ويندا. آخر ٿاڪ منجھند جو جڏھن سڀ آرامي ھئا ھوءِ ليٽر باڪس ۾ ٽپال ڏسڻ ھيٺ لٿي. پر ھاءِ جيستائين ھن ٻاھر نڪرڻ جو وسيلو ڪيو تيستائين ھوءِ ڏاڪڻ چڙھي مٿي بہ پھچي ويئي.

ھاڻي تہ دل، دماغ، وچار، چپ ۽ ڪن ڪجھہ چوڻ ۽ ڪجھہ ٻڌڻ لاءِ آتا ٿي پيا. ھي مولا ڪج ٻڌ. مجنوءَ جي بہ ٻڌءِ جو ليلا بيمار ٿي تہ فقير ٿي آيو ڪو وسيلو ڪر منھنجا رھبر.

ھن جي دعا اگھاڻي. ھڪ فقير ھن جي گھر پنڻ آيو تہ گيٽ کليل ڇڏي ٿي ھليو ويو. پٺي جو گانءِ گيٽ ۾ گھڙي باغ ڪي چرڻ لڳي. ھن بہ نسہ ڪئي ھم تہ ٿر ٿہ - ٿہ ڪندو ٻاھر اچي گانءِ ڪي ھڪلڻ لڳو. ھن جو ڏٺو سو گيٽ بند ڪرڻ ھيٺ لھي آئي. ٻائونڊريوال وٽ بيٺي ھن ڏٺو ھن جا چپ ڪڇ چوڻ لاءِ آتا ٿا لڳن. نٿھڻ منجھند پڪي بہ ٻاھر ڪونہ ھو.

ٻيو گهر هو اشوڪ جو، جنهن جو پريوار ٿورو وڏو هو. اشوڪ گهر ۾ سڀني کان وڏو هئو. هن کان پوءِ هڪ ڀيڻ لڇمي هئس جيڪا ڪاليج ۾ پڙهي رهي هئي ۽ لڇمي کان ننڍو ڀاءُ مئٽرڪ ۾ پڙهي رهيو هئو. اشوڪ جا ماءُ پيءُ ٻئي حيات هئا. هي سڀ اشوڪ جي پگهار مان گذارو ڪندا هئا جو پٽس سرڪاري نوڪريءَ تان هاڻي ئي رٽائر ٿيو هئو. پر اشوڪ هڪ هونهار ۽ ذهين ڇوڪرو هو. هن محنت ۽ جفاڪشيءَ سان انجنيئر جو عهدو حاصل ڪيو هئو ۽ ڪافي وڏي رقم پگهار جي روپ ۾ هن کي هر مهيني ملندي هئي. گهر ۾ پريم، شانتي ۽ سد ڀاءُ جو واتاورڻ هئڻ ڪري گهر جو گاڏو هلائڻ ۾ اشوڪ ڪڏهن اهو محسوس نه ڪندو هو ته ڪو هو ئي سڀني کي پالي رهيو آهي. سندس پتا به هن کي سٺي تعليم ڏيڻ ۾ ۽ وڏي عهدي تي رسڻ ۾ ڪا گهٽ جفاڪشي ڪونه ڪئي هئي، ان ڪري هن جي دل ۾ ماءُ پيءُ لاءِ فرض سان گڏ آدر ڀاءُ، شردا ۽ پريم جو ٻوٽو ڦاڄندو و ڦولجندو پئي ويو. ننڍي ڀيڻ ۽ ڀاءُ ڏانهن به هن جي من ۾ پريم ڇوليون ماري رهيو هئو. هو به سوچيندو هو ته هو ٻئي به گهٽ تعليم حاصل ڪري ڪنهن لائنيءَ لڳن. مطلب ته اشوڪ پنهنجي عهدي ۽ گهر ڀاتين پاسن کان سنتوش محسوس ڪندو هو. ڏينهن جو

سک جو ساگر

لتا ماءُ پيءُ جي سڪيلڌي ۽ لاڏلي ڌيءُ هئي. ڪافي سکيا ستابا هئا. ڪار، ڪوٺي ۽ وڏي واپار جا مالڪ هئا. لتا ايم.اي. جي پڙهائي پوري ڪئي ته ماءُ پيءُ کي هن جي شاديءَ جي چنتا ٿي. هو هن لاءِ لائق ور جي ڳولها ۾ لڳي ويا. نياڻيءَ جو ماءُ پيءُ پاڻ کي ايستائين قرضدار سمجهي ٿو جيستائين هنکي پرڻائي سکي نٿو سمجهي. آخر لتا جي پيءُ ٻـه گهر گهڻن گهرن ورن جي مشاهدت ۾ چونڊيا ۽ پوءِ لتا کان ان باري ۾ چونڊ جو فيصلو ڪرڻ جي پيشڪش ڪئي. هڪ گهر هئو نريش جو، جنهن ۾ تمام نيڊي فيملي هئي. نريش جي پيڻ پرڻيل هئي، صرف گهر ۾ ماءُ پٽ هئا. گهر سکيو ستابو هو ن پر نريش صرف بي.اي هئو. ها هن جو ڪاروبار چمڪي رهيو هئو، لڇمي هن تي مهربان هئي. هو ٻنهي هٿن سان دولت سميٽي رهيو هئو.

ٻاهر پيٽي هنن جا روزگار ۽ آمدني ٻه الڳ الڳ هوندي. ڪو لکن ۾ پيو راند ڪندو ته ڪو ٻاهر جي نوڪري ڪري ڏوڪڙ پيو ڪمائيندو ۽ وري شادي وهانءُ لاءِ چوندا آهن ته ايشور ٿي مٿان جوڙا ٺاهي موڪليندو آهي. جنهن جنهنجو ميل ٻڌل هوندو آتي ئي وڃي جڙندو. لتا ۽ اشوڪ جي قسمت ۾ ٻه ايشور شايد ٻنهن جا ڏاڍا جوڙي موڪليا هئا ان ڪري لتا ۽ اشوڪ جي شادي ٿي وئي.

مهينو کن ته اشوڪ ۽ لتا شاديءَ کانپوءِ گهمندا رهيا خوب مزا اُڏايائون. وري ٻه چوندا آهن ”اَن جو مٿهن جڏهن ڏاڍهن“ سو اشوڪ کي به ڊيوٽيءَ تي چڙهڻو ٿي هئو. گهر ۾ ڪجهه ڏينهن ته لتا سنتوش جو ساهه کنيو پر پوءِ آهستي سڄو ڏينهن گهر ۾ رهي هوءَ پاڻ کي اڪيلو محسوس ڪرڻ لڳي. وڏيڪ ڪم ڪاج ڪرڻ جي هنکي عادت ڪونه هئي پر هتي به ڪو نوڪر هون ڪونه. سس ۽ نڙان ٻه ڪم ڪاج ۾ رڌڻون پيون هونديون هيون ته هنکي به رڌڻ پچائڻ جو ڪم ڪرڻو پيو. ڙالن جي اڌ زندگي ته رسوئيءَ ۾ ئي گذري ٿي وڃي اهو جڏهن حساب ڪيو هجي اُهو جاڻي، پر اڄ ڪلهه ته لتا کي ٻه صبوح شام رسوئيءَ سان مٿهن ڏيڻو هئو. ٻيا ٻه نٽيا وڏا گهر ۾ ڪم ڪتا ڪونهن زالن لاءِ. لتا ته سڄو ڏينهن ڪم ڪرڻ جي

سپنا ڏسڻ يا گهٽي ڏن سمجهڻ جي اُمنگ هن کي ڪونه هئي. هو حقيقي زندگي جو، هيو هئو ۽ حقيقت سان واقف ٿي هلندو هو. هو ڪافي سمجهدار ۽ گنڀير طبيعت جو هو. ڪڏهن ٽڪو يا ڪڙو ڳالهائڻ هن جي عادت ۾ شمار نه هو. اهوئي سبب هو جو هو پنهنجي آفيس يا گهر ۾ پوري طرح عزت ۽ پريم پائيندو هو. دنيا جي اوچ نيچ کان هو ننڍي عمر ۾ ئي واقف ٿي ويو هئو.

لتا جي سامهون هاڻي ٻنهي جي مشابهت ڪرڻ لاءِ دل ۽ دماغ ۾ هڪ اٿل پٿل پيدا ٿي وئي. ڪجهه ڏينهن نه هوءَ ان ڪشمڪش ۾ ٻڏل رهي. اهو فيصلو ئي نه ڪري سگهي ته ٻنهي مان ڪهڙو جيون ساٿي ٻڌائي؟ پوءِ به فيصلي ڪرڻ جو حق سندس کي ئي ڏيئي ڇڏيو جو سڄي عمر هن کي ئي ساٿ نڀائڻو هئو. آخر گهر جي سڀني ڀاتين ۽ لتا به اهو فيصلو ڪيو ته هر حال ۾ اشوڪ ئي بهتر آهي شڪل شبيهه ۾ به سٺو آهي ۽ عهدو به سٺو ۽ آئينده به سٺو اٿس. پروموشن جا چانس به اٿس. جيڪر محنت ڪندو رهيو ته ضرور اڳتي به سٺل ٿيندو.

چوندا آهن ته ”ماءُ جڻيندي پٽڙا ڀاڳ نه ڏيندي وندي“ سو سچ آهي هڪ ماءُ جا چار پٽ هوندا ته سڀ به دماغي يا جسماني طرح ساڳيا نه هوندا. وري

سوچ جيڪر اسين هنن کي گڏ نه وٺي وڃداسين ته هو ڪڏهن سان گڏ وڃندا؟" آخر ٿڪبا ته گهمڻ ڦرڻ جي هر ڪنهن کي ٿئي ٿي. جيڪڏهن لڇمي پنهنجين ساهيڙين سان ۽ رميش پنهنجي دوستن سان گڏ گهمڻ وڃن ته ٻئي رل ڇپيل ٿي پوندا. من ماڻي ڍنگ سان جتي چاهيندا هليا ويندا. اڃا ته ٻنهي جو ٻيهر گهر ۾ ڪتو پيو آهي. پر جيڪڏهن هڪ وار نه اڪيلي وڃڻ جي ڇڙواڳي محسوس ڪيائون ته هر ڪو گهر گهوڙن کي ۽ ٻار ڇورن کي ڏيئي بيفڪرو ٿـي پيو گهمندو." لتا چيو "مونکي انهن ڳالهين جي پرواهه نه آهي آخر زال مڙس جي ڪا پرائيويٽ لائيف به ٿيندي آهي، هنن جي هوندي اسان ڪيڏو نه بندش ٿا محسوس ڪريون؟

اشوڪ ڳراٽڙي پائي ڪلي چيس "چڱو ڇڏ اهو غصو هاڻي ڪلي ته ڏيکار" لتا اشوڪ جو هٿ جهٽڪائيندي چيو "پهرين واعدو ڪيو ته جيئن مان چوان ٿي تيئن ڪندا. خبر اٿو توهان جي دوست دليپ جي زال به انهيءَ ڏينهن چوي پئي ته جوان ٽڙان کي هميشه پيا گڏ وٺي گهمو توهان جي ڪا اڪيلي لائيف ڪونهي ڇا؟ شاباس اٿو."

اشوڪ چيو، ان ڳالهه لي نه اڄ مونکي خبر آهي ته دليپ هميشه ٻارڻ سان گڏ پيڻ کي پڪڙ ٿي وٺي

آدمي ڪونہ هئي انڪري ڳالهہ ڳالهہ تي ڪڙي ٿي ويندي هئي. ٻـڙان هنکي پائي پائي ڪري هر هر ڪو نہ ڪو بهانو ڪري اچي ڪلائيندي هئي. ڪڏهن چوندس پاڻي چانهہ ناهي اچان؟ ڪڏهن چوندس پاڻي هل نہ شاپنگ ڪري اچون، هل نہ اڄ مندر ٿي اچون. پر لتا کي هن سان گڏ وڃڻ بلڪل نہ وڻندو هو. هوءَ مندر، پڪچر، باغ يا شاپنگ تي اشوڪ سان گڏ ٿي وڃڻ چاهيندي هئي. اشوڪ کان سواءِ گهر جي ٻين ڀاتين سان ڄڻ هوءَ ڏينهون ڏينهن ڪٽجندي ٿي وئي. هنن سان ڄڻ دلي لڳاءُ لڳوئي نہ پئي هن جو. شروع ۾ پڪچر يا پارڪ ۾ ويندا هئا تہ اشوڪ پنهنجي ڀيڻ ۽ ڀاءُ کي بہ وٺي ويندو هو. پر ڪجهہ ڏينهن کان پوءِ اشوڪ ڏٺو تہ لتا کي انهن سان گڏ هلڻ ۾ اعتراض ٿيندو هئو ۽ هڪ ڏينهن آخر لتا جي صبر جو بند ٽٽي اچي اشوڪ تي ڪڙڪيو چيائين ”ڪن کولي ٻڌي ڇڏيو مون شادي توهان سان ڪئي آهي نہ ڪ توهان جي ڀاءُ ڀيڻ سان جتي ڪٿي هنن کي ڇيلن وانگر گڏ وٺي پيا هلو مونکي اهي ڳالهيون بلڪل برداشت نہ آهن.“

اشوڪ ڄڻ سن ۾ اچي ويو. هن کان اڳہ هن لتا جو اهڙو نڪر آواز ۽ غصي وارو چهرو ڪونہ ڏٺو هئو. وري بہ صبر ۽ شانتيءَ سان چيائين ”لتا ڪجهہ نہ

جي پگهار مان ئي گهر هلي پيو ته جيستائين رميش وڏو ٿئي هن جو هٿ نه ونڊائي. ورِي ليلاڻي گهر ۾ ويٺي آهي انهيءَ ڪري ٻه اڪلاڻو آهي. چار پيسا هوندا ته هاري بيماري، شادي مرادي يا ڏڻ وار تي ڪم ايندا."

ايترو چوڻ هو ته لتا ساڙهي کڻي ڦٽي ڪئي چيائين "ڇا اشوڪ جي پگهار ۾ منهنجو ايترو به حصو نه آهي جو مان هڪ منپسند ساڙهي خريد ڪري سگهان؟ سڄي سال ۾ هيءَ پهرين ساڙهي ورتي اٿم ته به سهڻ نٿو ٿيو؟"

سٽس ڪکي وکي ٿي وئي چيائين "ڪنوار مان سڀ ٿي چوان منهنجو تنهنجو من ڏکائڻ جو مطلب ڪونه هو ورِي روز فيشن پيا مٽجن انڪري پهرين هڪڙيون ڇڙن پوءِ بيون وٺڻ لاءِ ته بزار کلي پيئي آهي. پر جيڪڏهن توکي خراب لڳو هجي منهنجو چوڻ ته کڻي معاف ڪر اڄ کان مان ڌيان رکنديس ته لڳائي ڇڳائي چوڻ جو اڄ وڏن کي ڪو حق نه رهيو آهي.

ائين چئي سٽس پنهنجي ڪمري ۾ هلي وئي. ايترو ئي نه جيڪڏهن سس چوندس ته ڀاڄيءَ ۾ گيهه وڌو اٿئي يا مصالا گهٽا وڌا اٿئي يا اچار وڌيڪ ٿو لڳي ته لتا موڙو ڏئي اڻ ٻڌو ڪري ڇڏيندي هئي.

ويندو آهي. مان ته چوان ٿو ته اهڙن ماڻهن جي ڳالهه هڪ ڪن کان ٻڌي ٻئي کان ڪڍي ڇڏ. اهڙا ماڻهو رڳو ٻين جا جهڳڙا ڦٽائڻ ۾ لڳا پيا هوندا آهن ۽ پوءِ ٿيلهي هٽي پريان تماشو ڏسندا آهن.

لتا - "توهان مونکي ايڏو بيوقوف نه سمجهو ايترو ته مونکي به تو سمجهي ته ڇا نيڪ آهي ڇا غلط؟"

آخر عاشق معشوقا کان هارائي ويو. هن جڏهن "ها" ڪئي تڏهن لتا روئي ڪاڏي نه ته پڙ ڪيڏي وڏي رهي ته روئي ڪونه ڪائينديس.

ٻهراڻ ڏهاري آئي ته اشوڪ لتا کي چيو "توون چاهين ته ڪا پوري ساري ملهه جي ساڙهي خريد ڪر پائي اچين نه ٺهي ته گهر جو بجيٽ ٿي بگڙي وڃي. ان تي لتا پرون ڪٽي ناڻيون ۽ چيائين، "نه وٺي ڏهٽي اٺوَ ته نه وٺي ڏهو باقي شرطون ڇو ٿا وجهو؟"

خير، اشوڪ جڏهن لتا کي ساڙهين جي دڪان تي وٺي ويو ته لتا ڇهه سؤ واري ساڙهي پسند ڪئي. هاڻي دڪان تي اشوڪ هنکي ڇا سمجهائي، جيڪا ڪائي ڇهه سؤ ڪيسي مان پري ڏنائين. پر من ۾ دک ٿيس ته هيءَ گهر جي حال تي نٿي هلي. گهر آئي ته سسٽس ساڙهي ڏسي چيو "ڪنوار پٽ تو وٽ ته اڳ ئي شاديءَ جي ساڙهين جا امبار لڳا پيا آهن، هيءَ ساڙهي وٺڻ جي ضرورت ڇو پيئي؟ توکي نه خبر آهي ته اشوڪ

اسان کي وڻندا سهائين نه، ڪيئن ڪم هلندو. وري تون اهو به نه سوچ ته اهو اسان جو ڪيڏو نه وڏو فرض آهي ته ٻڍاپي ۾ انهن کي سنڀاليون. ايشور نه ڪري جيڪر تنهنجو ڪو ڀاءُ تنهنجي ماءُ پيءُ کي هنڌي ٻڍاپي ۾ ڇڏي پنهنجي سک لاءِ ماءُ پيءُ کان جدا ٿي پوي ته توکي جيڪر ڇا وهي؟ ٻيو اهو به سوچ ته سڀاڻي ٻار ٻچا ٿيندا ته ڪير سنڀاليندو؟ ۽ وري دادا جي هيءَ جاءِ ۽ گهر تان به اسان کي هميشه لاءِ هٿ ڪڻڻو پوندو. پنهنجي ڪمائيءَ مان اسان ڪڏهن جاءِ جوڙي سگهنداسين هن مهانگائيءَ ۾؟"

اهڙيون دليلون ٻڌي لتا چپ ٿي ويندي هئي. اشوڪ ته سپني ۾ به ماءُ پيءُ کان جدا ٿي رهڻ جي ڪلپنا به نه ڪري سگهندو هو پوءِ کي نه ڪي دليلون ڏئي لتا کي پيو راضي ڪندو هو. اهڙيءَ طرح ٽي سال گذري ويا. اشوڪ به سوچيندو هو ته جتي به باسڻ هوندا اُتي پيا ٺڙڪا ٿيندا. هو گهڻو زناڻين ڳالهين تي ڌيان نه ڏيندو هو تڏهن گهر جو چرخو مڙهوئي پئي هليو. وچ وچ ۾ اشوڪ کي اڪثر نوڪريءَ سانگي دوري تي به وڃڻو پوندو هو. هن دفعي هن جي دوري جو پندرهن ڏينهن جو پروگرام هو. هن جي وڃڻ کان پوءِ لتا جڻ اڪيلي ۽ اُٻاڻڪي ٿي پئي.

جڏهن ڪ حقيقت اِها هُئي تہ سمتس لتا کي بہ پنهنجي ڌيءُ وانگر ٿي ڪجهہ جتائي هلڻ لاءِ چوندي هُئي. هن جي من ۾ انهن لاءِ ڪو وير وروڌ نہ هو پر ننڍين ننڍين ڳالهين تان وٺي پريم جي ڌاڳي ۾ ڳنڍ پوندي.

هاڻي لتا گهر جي ڪنهن ڀاڱيءَ کي پنهنجو سمجهڻ نہ سمجهندي هُئي. پاڻ سوچيندي هُئي تہ هي سڀ منهنجي مڙس جي پگهار تي هلي رهيا آهن. انهيءَ هڪ جو خون چوسي رهيا آهن اِهو سوچي هوءَ هر وقت اشوڪ جا ڪن کائيندي هُئي تہ هاڻي الڳ هلي رهون هت اسان پنهنجو آئينده نئين سڌاري سگهنداسين. هڪ ڏينهن لتا اشوڪ کي چيو "توهان اڪيلا ڪمائڻ وارا ۽ ڇهہ جڻا کائڻ وارا وري توهان جي ڀاءُ کي هر هفتي سئنيما بہ کپي. سهري کي بيڙين جي عادت الڳ آهي اِهو اجايو خرچ نہ آهي؟ مونکان تہ سٺو نٿو وڃي."

اشوڪ چيس- "پاڻي عادت پراڻي ڪا هڪ ڏينهن ۾ ويندي؟ وري هن ٻڍاپي ۾ تہ ڪا بہ هير ڦير مٽائڻ ناممڪن آهي، پر تون اِهو ڇو ٿي سوچين تہ هو منهنجو ٿا کائين ڪهڙي خبر مان ڪنهنجي ڀاڱي ٿو ڪمايان. دادا بہ تہ پنهنجي پينشن جا سڀ پئسا منهنجي تعليم ۾ خرچ ڪري ڇڏيا جيڪر اُهي بہ

ڪري رهيا هئا، جيئن ڪو ٻاءُ ٻيڻ رت لئي آئل دک
درد ڏسي هنجو دک سهي نه سگهي ليئن نڙان ۽
ڏيرس هن جي شيوا ڪندي نه پيا ٿڪجن. آخر بخار
لتا جي پٽ چڙهي ڏني پر ڪمزوري اڃان باقي هئس.
انڪري سسٽس هنکي بستري تان اُٿڻ ني نه ڏيندي
هئي. "پٽ ڪمزوري اٿئي تون آرام ڪر ڪٿي متو
نه ڦري وڃئي ڪري نه پئين ڏک نه لڳي پوئي."

اڄ اهي اکر سس جي وائان هنکي ايڏا مٺا پيا
لڳن جهڙي مصري. سهرو پيو پڇندس "پٽ ڪير پيتئه
ڪنهن شيءِ جي ضرورت هجيئي ته بزار مان آڻي
ڏيانءِ پلا اشوڪ کي ٽيليگرام ڪري اچان؟"

اڄ سهري جا اِهي اکر جڻ هنجي ڪنن ۾ چانديءَ
جي گهنٽيءَ وانگر سرپلا لڳي رهيا هئا. لتا سوچيو،
"هاءِ هيڙي سس سهري کي مون نه سڃاتو اڄ تائين
هنن کان نفرت ڪندي رهيس پر سچ ته هيءُ ته
منهنجي ماءُ پيءُ کان به وڌيڪ آهن، ٽڙان ۽ ڏير جي
منهن ۾ به هن کي معصوميت ۽ پنهنجائپ نظر پئي
اچي. اڄ هو هنکي پنهنجي ڀيڻ ۽ ڀاءُ وانگر ڀاسي
رهيا هئا.

هن جي دل ۾ جڻ نئون صبوح سج جي ڀهرئن
سونهري ۽ ٿڌي ڪرڻن وانگر سونهري لڳڻ لڳو.

ڪٿي من ئي نه لڳيس. گهڻئي ٽڙان چويس "پاپي هل
پڪڙ ڏيکاري اچانءِ." سس چويس "هل ته هن ساهيڙيءَ
وٽ گهمائي اچانءِ" پر لتا ته اکر واري ويٺي هئي.
ته ڏينهن لائين واڙو رهندي ٽئين ڏينهن اچي بخار
ٿيس. بخار به اهڙو جو ڇڏئي ڪٿي بس ڪر. صبوح
جو سڀ اٿن ته لتا بستري تي پئي آهي همت لائي
ڏسنس ته بدن جهڙو ٽانڊا. پوءِ ته سٽس ٿڌي پٽي
ڪٺي مٿي تي رکيس. سهرس پڳو ڊاڪٽر کي وٺي آيو.
ڊاڪٽر لتا کي ڏسي دوائون لکي ڏنيون ته ڏيرس ويو پڇندو
پڇندو دوا وٺي آيو. هو ايترو جلد ويو ۽ ڦڙتيءَ سان
واپس آيو جو هنجو ساهه ڦوليو ويو. لڇمي جلد پاڻيءَ
جو گلاس ڪٺي آئي گوري لتا کي ڏنائين پوءِ ڪافي ڪير
وجهي گهاٽي چانهن ٺاهي آئي. دوائون وٺڻ سان
دوائن اثر ڏيکاريو بخار گهٽبو ويو. لتا جي بخار جڻ
سڀني کي چنتا ۽ فڪر ۾ وجهي ڇڏيو. ڪير هن جي
مٿن ڪان وٺي هنجي مٿي کي زور پيو ڏئي ته ڪير
ٽنگن کي زور پيو ڏئيس. ڪير ڪير پيو پياريس لـــ
سهرس جوس ۽ فروٽ بزار مان پيو وٺي اچي. جيستائين
لتا بلڪل ٺيڪ نه ٿي وئي سڀ هنجي پلنگ جـــي
چوگرد گهيرو ڪيو ويٺا هوندا هئا. جيئن ڪو ماءُ پيءُ
ڌيءَ جي ٽهل ڪري تيئن سس ۽ سهرو هنجي ٽهل

سنگتراش

هو هڪ سنگتراش آهي. هٿوڙيءَ ۽ ڇيڻيءَ ۾ هن جي هٿن مان ڇٽي جيڪو جادو ٿو جاڳي سو بيجان سنگمرمري پٿر جي بت کي به جاندار بڻايو ڇڏي.

هو نوجوان پنهنجي فن ۾ پڪو، ڀاونائن ۾ ڀرپور، هٿ جي صفائيءَ ۾ ماهر آهي. جڏهن هو بت تراشي ٿو هن کي ڪپڙن جي سڌ نٿي رهي، هن جي بک اڃ مري ٿي وڃي، هن جي مٿي جا وار وڌي ٿا وڃن، ڏاڙهيءَ جا وار وڌندا ٿا وڃن، هن جو بدن مٽيءَ ۾ ڀرجي ميرو ٿي ٿو وڃي، هن جا هٿ ۽ پير گهارون گهارون ٿي ٿا وڃن. پر هو هن سڀ کان بيخبر پنهنجي ڪلاڪاريءَ ۾ مست ۽ محو لڳو پيو آهي.

جيئن اسين ڪا ڪهاڻي يا ناول شروع ڪيون ۽ آهو تمام تمام روچڪ هجي ته جيستائين ڪتاب نه ڇڏيون جيستائين هن جو انت نه پڙهي اٿون تيئن هو بت تراشي جيستائين پنهنجي من مطابق موهڪ اٿو

خوشيءَ جو جهونو سرد هوا وانگر هنجي سرير ۾ نئين تندرستيءَ جو سنچار ڪرڻ لڳا.

جلد ئي هوءَ نروئي ٿي پئي. خوشيءَ وچان هنجا ڳل جيڪي اڳ ۾ پيلا ٿي ويا هئا گلابي ٿي پيا. هن گهر ۾ ڄڻ هنجو نئون جنم ٿيو هو. پندرهن ڏينهن ڪانپوءِ جڏهن اشوڪ گهر ۾ قدم رکيو لتا کي بدليل ڏسي عجب ۾ پئجي ويو. لتا ته ڄڻ سک جي ساگر ۾ هلورون کائي رهي هئي. اڄ هنکي چئني پاسي سک جو ساگر لهرائيندو نظر پئي آيو.

انگ جو ماھ ڏھوڻون ٿي ويندو آھي ليڪن اِستريءَ جي مستڪ لاءِ ٽلڪ لڳائڻ سان ھن جي سونھن ۾ ڏھوڻو اِضافو اچي ويندو آھي. واھ ڙي ڪويءَ جي ڪلپنا!

پر اِھا ڪلپنا نہ اکرن جو جادو ٿي. ھيءَ بت نہ ڦابدان جاندار بڻجي اسانجي سامھون رکيو آھي. ھن جون اکيون ھرڻيءَ جي اکين جيان ڏگھيون ۽ نشيليون جھڙا نرگسي گل، اکين جا تارا اھڙا جڻ ڏسڻ واري ڏانھن ٿي ٻڪ ٽڪ نھاري رھيا آھن، جاندار اھڙيون جڻ پنھنجي اِشاري جي انداز ۾ ڪجھ بيان ڪرڻ جي ڪشمڪش پيون ڪن.

ھڪ ٻئي شاعر پنھنجي شاعريءَ ۾ چيو آھي تہ ڪير ٿو چوي تہ محبت کي زبان ٿيندي آھي؟ اِھا حقيقت تہ نگاھن سان بيان ٿيندي آھي! ھتڙيون نگاھون ڏسي ٿي شايد شاعر اھڙو شعر چيو ھوندو. چپ سنھڙا جھڙا گلاب جون پنکڙيون، مسڪرائيندڙ اھڙا جڻ ھينئر ٽھڪ ڏئي ھن ڪائنات کي ٽوڙي ڇڏيندا، گردن سنھڙي ۽ لمبي جيئن ڪنھن ساقيءَ جي صراحي، ٻانھون اھڙيون جيئن ڪا ول وڻ کي ٻاڪر پائڻ لاءِ آئي ھجي. ڇاتي، سنھي ۽ سندر ليڪڻي جھڙي ڪنھن ناٽڪا جي شاعر بيان ڪن ڇڏي ڪا ھرڻي، ھٿ ۽ پير جھڙا ڪنول جا ڪومل گل، نڪون

ٺاهي ڇڏي ٽيستائين هن جي اکين مان لڙڪ غائب ٿي
رهيا، هن جا لٽا ليڙون ليڙون ٿي ويا آهن، وار رڪائي
جڻ ترتيب ۾ ٻيهڻ کان انڪار ڪري چڪا آهن،
ڏاڙهيءَ جي وارن سڱن مثل ڪنڊن جو روپ ڌارڻ
ڪري ڇڏيو آهي، هن جا چپ خشڪ ٿي ويا آهن ۽
هن جون اکيون ننڊ کان کوهن جي ڏوريءَ ڪري
ڳاڙهيون ٿي ويون آهن پر هو انهن سڀ کان بيخبر
بت ۾ جان ڦوڪڻ جي چاهه ۾ مڳو لڳو پيو آهي.

هن جي بت ۾ ناري بت جي ٿي پرمار آهي.
هو ناريءَ جي مهانتا کي سويڪار ڪري چڪو آهي.
هو ناريءَ جي پوترتا کي پرڻان ٿي نمسڪار ڪندو
شردا سان ڪنڌ جهڪائي ڇڏيندو آهي. هو ناريءَ
جي رچنا کي ايشور جي بيجوڙ رچنا سمجهي هن جي
پوڄا ۾ رتل آهي.

تمام گهڻي محنت، جفاڪشي، بيداري ۽ بيقراريءَ
کان پوءِ هن اڄ هڪ آدم قد ناري بت تراشيو آهي.
جنهن جا گهاٽا وار جڻ ڪارين گهٽائن جي ياد پيا ڏيارين.
پيشاني موڪري جهڙو آڪاش ٽهڪندي چندرما وانگر
وڏو ٽلڪ.

ڪوي ٻهاريءَ پنهنجي شاعريءَ ۾ هڪ هنڌ چيو
آهي ته هڪ انگ جي اڳيان ٻڙي لڳائڻ سان جيئن

۽ هڪ گرم ڪوٽ. جنهن جي سهاري هو ٿڌ جي راتين کي ڪاٽي ويندو هو ۽ پنهنجي جسم کي گرم رکڻ جي ناڪام ڪوشش ڪندو هو.

اڄ اپاسڪ جي اپاسنا پوري ٿي بت کي جاندار سمجهي هن جي پوڄا ۾ مصروف ٿي، ناريءَ جي نزاڪت کي سمجهي هن جي پوڄا ۾ اهو ڪوٽ ۽ ڪٽي ناريءَ کي ارپڻ ڪيو، متان هن ڪومل ناريءَ کي ٿڌ لڳي وڃي، اهو سوچي ڪوٽ هن جسي بت کي ويڙهي سنگتراش گوڏن ڀر هٿ وجهي ڪرونڊڙو ٿي سمهڻ جي ناڪام ڪوشش ڪرڻ لڳو.

ٿڌ ۾ ڇوي نه اڄ نه پوان نه ڪڏهن پوان؟ جڻ اڄ سنگتراش جي امتحان جي گهڙي هئي ۽ هو ان ۾ سڦل رهيو.

صبوح جو اخبار ۾ سرخ ۽ ٿلهن حرفن ۾ لکيل هئو-
”ناري بت لئي ڪوٽ ڍڪڻ جي ناڪام ڪوشش ۾ سنگتراش جو ٿڌ سبب موت.“

□

جهڙيون ڪيلي جا ڪومل پن، پيٽ ۾ ڏن جو هو ڏڌ
جڻ پاڻ ۾ پنهنجو مثال پاڻ هئو.

مطلب ته شاعر پنهنجي شاعريءَ ۾ جهڙي نائڪا جو بيان ڪندا آهن، چترڪار جڏهن نائڪا جا چتر رچي پنهنجي فن کي ڌنيه سمجهندا آهن ۽ انعام حاصل ڪندا آهن اُها نزاڪت، ڪوملتا، پاوِڪتا پرمل نائڪا جهڙو روپ، مک تي اهڙي مڌرتا جڻ جاڻ ڪلي سو ڪلي.

سنگتراش جڏهن پنهنجي پوري ڪلپنا هن ۾ اوتي ڇڏي ۽ پورو سنتشٽ ٿي ويو ته برابر هاڻي هن ۾ منهنجي ڪلپنا موجب ڪا ڪمي باقي نه رهي آهي ته ڪلاڪن جا ڪلاڪ هنکي پنهنجي نماڻن نيڻن سان ڏسندو رهيو جڻ صرف هن ۾ ساهه پوڻ باقي هو ۽ هن جي هڪ ٽڪ ڏسڻ سان اهو ساهه به پئجو ڪي پيو.

جڏهن هن جا نيتر ڏسي ٿڪجي ٿيا. تڏهن رات جا ٻارهين وڄي چڪا هئا. سنگتراش جي نظر ۾ هو هڪ بت نه هو بلڪ هڪ جاندار سوغات هئي.

ٿڌ جا ڏينهن، جنوريءَ جي ٺر ٺر ڪنبندڙ رات ڪلپنا ۾ وهندڙ هن مٺوءَ کي پڇيسي، مان ايمان سان ڪم ڪهڙو؟ هو اُپاسڪ هو، ناريءَ جو اُپاسڪ.

سنگتراش وٽ ڪو سک ساڌن جو بندوبست ڪونه هئو. صرف بستري جي نالي لي ڪجهه لٽڙون

ڪم مايا ڪونہ سنڀالي سگھندي هئي. ان ڪري ٻہ ٽائيم نوڪر رکيل هون. ڏياريءَ جو ڏڻ اچي پهتو هو اُن ڪري اڄ گوبند وٽ پيءُ جي چٺي آئي هئي تہ ڪجھ ڏينهن لاءِ اچي هو پنهنجي اڪيلائي ڀلجڻ ٿا چاهين.

گوبند جي اُداسيءَ جو ڪارڻ اها چٺي ئي هئي. هن کي همت ئي نہ پئي ٿئي تہ ڪيئن مايا سان ڳالهہ ڇيڙي؟ جو هن جو موڊ خراب ٿيو تہ روئي ڪاٺڻ ٻہ وهہ ٿي ويندو. چانهن ناشتي کان پوءِ جڏهن گوبند اُداس رهيو تہ مايا ئي مٿن پڇڳ ڪيو. ڇو اَڄ اُداس پيا لڳو سک تہ آهي.؟

گوبند۔ 'نہ، بس ائين ئي'!

مايا۔ 'نہ، نہ ضرور ڪا ڳالهہ آهي. ڇا مون کان بہ لڪائيندا؟

گوبند چيو، "نہ ا پر تون ناراض ٿيندينءَ".

مايا "نہ نہ مان پرامز ٿي ڪيان. مان ناراض ڪو نہ ٿيندس هاڻي ٻڌايو ڀلا."

گوبند۔ "تہ پوءِ ٻڌ اما بابا ٻئي هفتي اچي رهيا آهن."

اهو ٻڌندي ئي مايا جڻ سن ۾ پئجي وئي، چيائين "ڀلا ايترو جلد وري ڇو ٿا اچن؟ ٻہ مهنا اڳہ هوءَ جي ارنڊي تي تہ ٿي ويا آهن.

هاڻي گوبند سان گڏ مايا بہ اُداس هئي. ايتري ۾ در تي ٺڪ ٺڪ ٿي. مسز ۽ مسٽر پهن واسواڻي آيا

ڪر ڀلو ته ملئي ڀلو

گوبند آفيس مان آيو ته تمام اداس هو. هو چڱيءَ طرح ڄاڻندو هو ته ماڻا ۽ هن جي سس جا ڏنڊر پلي-پنت ميل نه هئا اُن ڪري هنن جي پاڻ ۾ ڪڏهن پٽي ڪون. شروع کان ئي گوبند جا ماءُ پيءُ ڳوٺ ۾ رهندا هئا ۽ گوبند شهر ۾. پر هو ڏڻ وار يا ڪنهن موقعي تي اچي گهمي ڦري ويندا هئا. گوبند جو پيءُ چوڪيدار سانديءَ وارو هو. هن کي پينشن به ملندي هئي ان ڪري پٽ کان ڪجهه نه وٺندو هو، جو نوڪري وارن جو هٿ هميشه تنگ ئي رهندو هو. اِهو هو هميشه ڄاڻندو هو. گوبند نوڪري ڪري ٿي شهر ۾ هو ماڻا به نوڪري ڪندي هئي ۽ ٻه ٻار ٿي، هئن ان ڪري پٽسي ڏوڪڙ جي تنگي ڪين هئن. ٻار پڙهڻ ويندا هئا ۽ پاڻ نوڪريءَ تي اُن ڪري سمورو

آهن. بس ضرورت آهي ٿوري هليمائيءَ ۽ هن جي ها ۾ ها ملائي هلڻ جي ته پوءِ ڏسو ته هو سڀ توهان جا. پاڻ اسان جو ته جيڪر هڪ ڏينهن به اڪيلي ۾ نه گذري سگهي. هڪڙو اڪيلائي محسوس ڪونه ٿئي پيو سو ڪم ڪرڻ.“

گوبند چيو ’اهو ته آهي ٿي اسان جا اما بابا به فالتو وهڻ ته جاڻن ٿي ڪونه ڪنهن نه ڪنهن ڪم ۾ رڌا پيا هوندا آهن پر ....‘

پمن ’پر وري چاچي پاڻي جيستائين گڏ رهي ته ڏسندا ڪيستائين هوندا ڪيئن؟‘

گوبند چيو ’ڳالهه ته اها آهي ته ته ماما شروع کان اڪيلو رهي ڏنو آهي. تنهن ڪري ڪنهن جي ها به نه ٿي سهي سگهي.

پمن ’ها اهو ته ٺيڪ آهي پر توهان وٽن مان فائدا به نه ڏسو نه؟ پهرين ڳالهه ته گهر هميشه کليو رهندو ڪونه آيو ويو موٽي ڪونه ويندو. گهر جي سنڀال سڀني به چڱي طرح پئي ٿيندي. اهي ٽالا ٽولا روز توهان کي ڪون هٽڻا پوندا انهن ۾ ڪيڏو نه وقت برباد ٿو ٿئي وري به پويان ساهه اٽڪي پوي ٿو چوري چڪاري نه ٿي وڃين. انهين ڏينهن اخبار ۾ ڪونه آيو هو ته گهر کي ٽالو سي لٽيرا سڄو گهر ميري ٽوڪ ۾ کڻي ويا. لتا چيو، ’ڏس نه ماما اسان جا بابا صبوح جو اٿڻ ساڻ وڃن ٽازو کير سامهون ڏهائي

هُئا. ٻئي ڪٽنب هڪ ٻئي جي سک ڏک جا ساٿي هُئا. هڪ ٻئي کان ڪجهه لڪائيندا به ڪو نه هئا. پمن ڪافي ڪلمک ۽ ملڻ سار هئو ۽ ليلا به ڪافي گهرڀلو قسم جي سوشل هئي. ٻئي هر وقت ٽهڪ پيا ڏيندا هئا ڄڻ ڪا چنتا ئي ڪو نه. هنن جڏهن ک هنن جو گڏيل ڪٽنب هئو. پيءُ ماءُ پاڻ ٻاڇاٻون سڀ خوشيءَ سان ميل ميلاپ سان رهيا پيا هئا. چانهن پيئڻ وقت آخر ليلا ٽاڙي ورتو، پاڻي اڄ ماجرا ڪهڙي آهي ڪجهه اُداس پيا لڳو؟

مايا، 'نه اهڙي ته ڪا ڳالهه ڪونهي'.

پمن، "پاڻي پاڻ ته لفافو ڏسي مضمون ٻڌائي ٿا سگهون ڳالهه آهي ڪا ضرور."

اهڙو جواب هو ته مايا ڄڻ روئڻهارڪي اچي ٿي پر ڪچائين ڪو نه. ڳالهه کي گوبند سنڀاليندي چيو، "پاڻي ڳالهه ڪجهه ڪونهي، بابا جي چٺي آئي آهي ته هو ٻئي هفتي اچن ٿا ۽ توهان کي ته خبر آهي ته .... ته"

واسواڻي فئمليءَ کي خبر هئي ته سس ننهن جي کٽ پٽ ٿيندي آهي پر اهڙي قدر مايوس ڏسي پمن چيو، "عجب آهي اهڙيءَ ڳالهه تي دل ننڍي لوڙهي اٿو! هونئن منهنجي نيڪ صلاح ته اها آهي ته وڏن سان ٺهڪي هلڻ ۾ تمام گهڻا فائدا

پدمن چيو، 'عجب آهي انهيءَ ڳالهه تي دل ڪٽي
لوڙهي اٿو! هونءَ منهنجي نيڪ صلاح ته اِها آهي
ته، وڏن سان ٺهڪي هلڻ ۾ تمام گهڻو فائدو آهي
بس ضرورت آهي بس ضرورت آهي ٿوري هليمائيءَ
هـا ۾ ها ملائي هلڻ جي ته پوءِ ڏسو ته هو سڀ
توهان جا. باقي اسان جو ته جيڪر هڪ ڏينهن بـه
اڪيلي ۾ نه گذري سگهي، هڪڙو اڪيلائي ڪونه
محسوس ٿئي ٿو سو ٻين ڪم نڪرن.'

گوبند چيو، "اِهو ته آهي ٿي اسان جا امـا بابا
به فالتو وقت ته جاڻن ٿي ڪونه ڪنهن نه ڪنهن ڪم
۾ رڌا پيا هوندا آهن پر ......"

پدمن "پر وري ڇا جي باقي، جيستائين گڏ رهي
نه ڏسندا تيستائين هرندا ڪيئن؟"

گوبند چيو- 'ڳالهه ته اها ٿي آهي نه ته ماما شروع
کان اڪيلو رهي ڏٺو آهي تنهن ڪري ڪنهن جي ها
به لئي سهي سگهي.'

پدمن- 'ها اهو ته ٺيڪ آهي پر توهان وڏن مان
فائدا به ته ڏسو نه؟ پهرين ڳالهه ته گهر هميشه ڪليو
رهندو ڪو به آيو ويو موٽي ڪونه ويندو. گهر جي
سنڀال سٺي به چڱيءَ طرح پئي ٿيندي ته ڪو نوڪر
جي چوريءَ جو پئه نه ڪو چورن جو ڀئه، اِهي روز

اچن. اڄ ڪلهه ڀيونئي شهر ملي ڪونه پر اسان کي ڪمر
ه سٺو ٿو ملي، وري مونئي ٻارن کي پرسان باغ ۾ وٺي
وڃي تازي هوا کارائي اچن. پوءِ صبوح يا شام جو
جڏهن وقت ملين تازيون ۽ سٺيون ڀاڄيون وٺي اچن.
ڪٽڪ لهڻ جي مدد لي ڪٽڪ جون ڦوٽيون ۽
جانورن جي مدد ۽ جانورن جا ڪتا سڄي سال جا
لهرائي ڇڏين پوءِ سڄي سال جي آنڊ نيڻ کان بچي
پئون. آٽين ۾ جاچي ۽ سٺي شيءِ جي پرک آٽن گهر
جو قل فروخت ۾ وٺي اچن. اسان ڇٽا پيا آهيون.
انهن جهنجهٽن کان".

گوبند - اهو ته آهي بابا جڏهن همت هو ندا آهن
ته اهي سڀ ڪم خوشيءَ سان ڪندا آهن انهن کان
سواءِ ڪڏهن ٻارن کي به وٺي پاڙهيندا آهن.

پمن، "پائي اسان جا بابا ته ٻارن جو هوم ورڪ اسان
جي آفيس مان اچڻ کان اڳ ڪرائي به ڇڏين ۽ پوءِ
ٻارن کي شام جو باغ جو سير ڪرائي اچن ٽيستائين لتا
روني پاٽيءَ ۾ مدد ڪرائي وٺي نه ته ڪنهن سان
گڏجڻو هجي يا پڪچر وڃڻو هجي ته ٻئي بي اونائي
نڪري وڃون".

واسواٽي فئمليءَ کي خبر نه هئي ته سس انهن
جي ڪنپت ٿيندي هئي پر ايتري قدر مانوس ڏسي

۽ فروٽ به وٺي اچن. سڄي مهيني جو سيڌو مهيني جي پهرئين هفتي ئي وڃي چٽو ناهي ولي اچن. ڪڻڪ لهڻ جي مند ۾ ڪڻڪ جون ڳوڻيون ۽ چانورن لهڻ جي مند ۾ چانورن جا ڪٽا سڄي سال جا ڀرائي ڇڏين. بس پوءِ سڄي سال جي اٽي لٽڻ کان بچي پئون. آٽيون به سٺي شئه پرک ڏاڍي اٿن.

پمن — 'اڇا ٻيا فائدا به ٻڌ نه' ٻارن کي اهڙو سٺو پاڙهين جو اسان جي آفيس مان اچڻ کان پهرين هوم ورڪ پورو ڪرائي ڇڏين. پلا ليلا کي فرصت ڪٿي آهي جو اهڙو ڪم اچي ڪرائين؟ شام جو وري ٻار ٻابا سان چڪر ڏيڻ وڃن ته ليستائين ليلا روٽي پاڻيءَ ۾ مدد ڪرائي وٺين پوءِ رات جو ٿوري دير ٻارن جا سبق پڪا ڪرائي نه ته ڪنهن سان گڏجڻو هجي ته اسين نڪري وڃون. ڪڏهن پڪچر سٺي هجي ته اها ڏسڻ وڃون هلي اڪيلي ۾ اهي سڀ ڪٿي ممڪن آهي؟

ليلا چيو — ”اڄ جي زندگي آهي پنج لوڙ جي هڪ ٻاٽو ته گهر جي ڪم لاءِ ڪپي ئي ڪپي. ڪڏهن گئس بوڪ ڪرائڻي آهي ته ڪڏهن راشن جي ڪنڊ جي لائين ۾ لڳڻو آهي. ڪڏهن بجليءَ جو بل جمع ڪرائڻو آهي ته ڪڏهن پاڻيءَ جو بل تاريخ تي جمع نه ڪراءِ ته ڏنڊ الڳ پير.

جيڪي تالا ٽولا لڳائڻا ٿا پولو الهن آزارن کان نه
ڇٽي پوندا نه ته ڪيڏو نه وقت ٿو برباد ٿئي. انهيءَ
ڏينهن اخبار ۾ آيو هو ته ڪنهن در تي تالو ڏسي
چور سڄو گهر ميڙي ٽرڪ ۾ سامان ڀرائي کڻي ويا.
پاڙي وارن سمجهيو ته ڪو گهر شفٽ ٿا ڪن پر شام
جو اچي ڏسن ته دبو ئي گل لڳو پيو آهي. اڄڪلهه
تالا لڳائي وڃ ته به پٺيان گهر ۾ ساهه اٽڪيو پيو
هجي. نوڪر به هيرا ڦيريءَ کان ڪو نه ٿا ٽرن.
پهجين رهڻي جي ڀاڄي وٺي ايندا ته رپيو ته ضرور
ٽڳائيندا. پٺيان پيو به سامان کڻي وڃن ته ڇا ڪيون؟
اسان جي پاس جو پراڻو نوڪر انهن ڏينهن گهر اڪيلو
ڏسي سڄو سون ۽ نقدي کڻي فرار ٿي ويو. نوڪرن
تي وري ڪهڙو بقاءُ آهي؟ وڏن جي رهڻ سان چوري
چڪاريءَ جو ڊپ وڌندو رهندو.'

پوءِ اڄان چوڻ بس ٿي ڪين ڪيو ته ليلا چيو
'ڏس نه ماما اسان جا ڀاڀا صبوح ساڻ اٿي تازو کير
سامهون ڏهائي اچن. اڄ ڪلهه پيور شئه ملي ڪٿي
ٿي؟ پر گهٽ ۾ گهٽ اسان کي پيور کير ته ملي ٿي ٿو.
وري موٽي اچي ٻارن کي باغ ۾ وٺي وڃن جيڪو
ڀرسان ئي آهي. باغ ۾ ٻار صبوح شام ڏاڏي سان
وڃن ته ٿورو جيءُ جاءِ ٿئين، پيو ڪيڏانهن وڃن روز
گهمڻ؟ نيرن ڪري مارڪيٽ ۾ وڃي تازيون ڀاڄيون

بيمارين لاءِ اچوڪ علاج آهن جيڪي گهڻو تيئن ڊاڪٽر نه پيٽ ۾ سور يا مٿي ۾ سور ٿيو نه ڇٽيون لاٿائون وڏي دوائن جي لسٽ لکي ڏيندا. پلا اڳئين زماني ۾ انهن ڪٿي هئو وڏن جي آزمودن مان به اسان گهڻو فائدو کڻي ٿا سگهون آخر نه وار آزمودن ساڻ اچا ٿيا اٿن نه ڪ اس ۾.

وري ڏٺان مان يا هنن مان خدا نه خواسته ڪير بيمار ٿي پوي ته ضرور موڪلون وٺيون اواڻ. پائي انسان کي دک سک نه لڳو ئي پيو آهي. پوءِ اها موڪل به اچي پوندو ۽ پرپٺ هڪ ٻئي جي چنتا نه ٿي رهي اٿيئن کان به ڇڱڪارو ٿي ويندو هڪ ٻئي کي دک سک ۾ پيا مدد ڪندا.

مايا سڀ ڪجهه چپ چاپ ويٺي ٻڌو ڪجهه جهڙي پيت. ٿوري دير ۾ جڏهن مايا رسوئيءَ ۾ چانهه ٺاهڻ ويئي ته ليلا به پٺيان ويس ۽ پاڪر پائي چوڻ لڳس مايا توکي پيڻ سمجهي سٺي صلاح ٿي ڏيان ءِ ڏس دل ۾ نه ڪجانءِ. سس سهري سان نهڪي هڻ ۾ ڪي فائدو اٿئي بزرگ چاهين ٿي چا ٿا؟ ٿورو پيار ۽ عزت انهيءَ ۾ اسان جو ڪهڙو ٿو خرچ ٿئي؟ ها باقي وڏن کي ٿوري ٽوڪ ٽوڪ جي عادت نه ٿيندي ٿي آهي پر جيڪر اهڙا حالات ٿي پيدا نه ڪجن ته ٽوڪ کان بچي ٿو سگهجي ڏس نه گهٽ وڌ ٿي ماءُ ۽

ڪڏهن پوسٽ مان يا بئنڪ مان پئسا ڪڍائڻا
آهن. اهي سڀ ڪم به بابا جي ذمي آهن اسان
ڪرڻون نه جيڪر روز موڪل وٺڻي پوي.

ليلا وري مايا ڏانهن مخاطب ٿي چيو، "پاڻي روني
پاڻيءَ ۾ به ڪافي مدد ٿي ملي. گهمڻ هلڻ وڃون نه
پنهنجي جي اون ڪونه ٿئي موٽون نه روني نهيل نڪيل
ملي. وري منهنجي سس نه ڪتاب، چٽيون، پاپڙ، وڙيون،
ساس ۽ جام وغيره ٺاهڻ ۾ ماهر آهي ڦڙليءَ سان
هر مند تي نوان آچار ۽ مربا ٺاهي رکندي آهي. مايا
تو نه ڏٺو آهي نه ڪٿي پارٽين ۾ ممي ڪيڏا
نه سوادي سنبوسا، پڪوڙا ۽ ڏهي وڙا ٺاهيندي
آهي؟ طرح طرح جون چٽيون اهڙيون جو سڀ هٿ
پيا چٽيندا آهن. وري اهڙي رهه چهه ڪي ٻئي پسند
ڪن سڀني سان گڏجي خوش پيا ٿين.

پمن ڳالهه وڌائيندي چيو، "جيڪر توهان جا ماءُ
پيءُ هٿ رهن نه ڦل ٽائيم نوڪر جي نه ضرورت ٿي
ڪو نه پوندو ڪيڏي نه بچت ٿي پوندو؟
هينئر روٽيءَ لاءِ نوڪر الڳ، ٻاسڻ ٻهاريءَ لاءِ الڳ
۽ ڪپڙن ڌوئڻ لاءِ الڳ نوڪر اتو پوءِ صرف ٻاسڻن
واري ڪافي ٿيندو"

ليلا چيو، 'بچت پوءِ ڊاڪٽر جي دوا جي به
ٿيندو. ٻلڻ جون سنيون ڦڪيون ٻارن جي ننڍڙن

آخر اهو ٻه ڏينهن اچي پهتو جو گوبند جا ماءُ پيءُ آيا. هونئن ڪڏهن مايا انهن کي رسيو ڪونه ڪرڻ ويندي هئي پر هن دفعي ته گوبند کان اڳ مايا وڃڻ لاءِ تيار هئي. هنن لاءِ اڳ ۾ ئي ناشتا وغيره ٺاهي رکيائين. پيري پئي هنن جي آسيس ورتائين.

ان ڳالهه کي اڄ ٻه مهينا ٿيڻ تي آيا آهن پر مايا ۽ سنتوش ۾ ڪڏهن ڳالهه تان ٻه تڪرار نه ٿيو آهي. نڪو مايا چاهي ٿي ته هو وڃن نڪو هو وڃڻ جو نالو ٿا وٺن.

اڄ ڪالهه زالن ۾ ميل جول وڌائڻ لاءِ ڪلب جو ميمبر ٿيڻ ضرورت سان گڏ فئشن پڻ ٿي ويو آهي. ليڊيز ڪلب جي طرفان سڀ مهيني ۾ گهٽ ۾ گهٽ هڪ دفعو گڏجي ويچارن جي ڏي وٺ ڪرڻ سان گڏ ميل جول رهي ان لاءِ هر مهيني واري سان هر ڪنهن جي گهر ڪٽي پارٽي رکي ويندي آهي. مايا ۽ ليلا ٻه انهن جون ميمبر آهن.

اڄ اها ڪٽي پارٽي مايا جي گهر آهي. گوبند واسواڻي فئمليءَ کي ٻه ئيند ڏئي آيو آهي. ليلا کي عجب لڳو جڏهن پارٽيءَ جي تياريءَ لاءِ گوبند هن کي ڪجهه نه چيو. هونئن پارٽيءَ جي ٽائيم کان اڳ وڃي هن کي مايا جي ڪم ۾ هٿ وٺائڻو پوندو آهي پر اڄ جڏهن پهتي ته اهو ڏسي ڇرڪ ٿي وئي

پر ڌيءَ کي چوندي ٿي آهي اهو سوچي هلجي ته
چرخو ٺيڪ پيو هلندو. پهرين مون کي
به دل ۾ ڪا به ڳالهه کٽڪندي هئي پر هاڻي
جيڪي منهنجي سس جهلي ٿي سو ڪم ڪيان ٿي
ڪونه. هن جي ها ۾ ها ملائي پيئي هلان
ته گهر جڻ سرڳ لڳو پيو آهي. نه نه نوڪري به ڪر
۽ گهر به سنڀال اهو نه ڪوڙو ٿي ڪونه ٿو لڳي. اڪيلي
انسان جي ته چيله ٿي ٽڪري وڃي ڪم ڪري.

نوڪر به ڪٽي رکجي پر اهو به ٿيون ڪم
ڪندو باقي جان ماري ته گهر سان اسان کي ٿي
ڪرڻي آهي. ٻهاريءَ جي صفائي ڪرڻي هجي يا
رسوئيءَ جا ٿانوَ ۽ ڌيئون ڌوئڻ منهنجي سس ته
ڏيري ڏيري پيئي ڪندي آهي ان ڪري اسان کي
گهڻي تڪليف نه وٺڻي پوندي آهي.

تون به هاڻي انهن ڳالهين تي عمل ڪري ڏس
پوءِ ڏس ته وڃڻ سان گهر ڪيئن ٿو ٻهڪي؟ انهن جي
آسيس به ملي ۽ پئي ڌريون به خوش.

مايا جي من ۾ جڻ اهي ڳالهيون ويهي ويون
هن من ۾ سوچيو هن جي سس به ڪا اهڙي خراب
نه آهي ڪم ڪار ۾ هوشيار ۽ ڦڙت. هوءَ پنهنجي من
کي سس سهري جي اچڻ تي خوش رهڻ لاءِ تيار
ڪرڻ لڳي.

ڏهڻا ميوا ٿا ملن. شهر ۾ سڀ پيا چون ته ڇوڪري خانداني آهي. سس سهري کي گڏ ئي رهائي ۽ سس ننهن ۾ پيار به آهي.”

اُتري ۾ ليلا جي نظر بخملي ڇپر تي وڃي پئي. جا ڏسي ته سڄو باغ ساوو لڳو پيو اٿس. عجب مان پڇيائين ’ليلا هيءَ باغ وري ڪنهن ٿا هيو؟ پهرين ته سڀ وڻ ۽ لاڻ سڪا پيا هئا؟‘

مايا چيو، ”بابا کي ايڏو باغائيءَ جو شوق آهي جو جڏهن وقت ملين باغ کي اچي لڳن ڏس نه ته ٻن مهينن ۾ زيتون ۽ پپيتا ڦل لڳي فائدو پيا پهچائين.”

سڀ آهي وڻن جي شيوا جا ميوا پيا ملن. ووي باڙن جو نيو نر ۽ ڦل ٽائيم نوڪر به ڪيدي ڇڏيم. هن مهيني هزار روپيه ٻچت ٿي آهي. سوچيائين ٿي ته باغائيءَ کي جواب ڏئي ڪپڙن ڌوئڻ جي مشين خريد ڪريان.

ليلا- واهه ڀائي واهه! پوءِ ته اسان ڪان به وڌيڪ فائدي ۾ آهيو - ”چوندا آهن نه، ته گهر ڳڙ ئي رهجي ولو ۽ چيلو ڪنڊ تي ولو.”

۽ ٻئي ٺهڪ ڏيئي کلڻ لڳيون.

۽ سڀ ڪجھ تيار لڳو پيو آهي.

ليلا ايندي ئي چيو 'ڇو ماما هن دفعي ته پارٽيءَ جي سڀ تياري ڪري ڇڏيئه. هي ڏهي وڙا، سنبوسا، پڪوڙا ۽ چٽڻي ڇا بزار مان گهرايا اٿئي ڇا؟

ماما ايمان وچان چيو "اڙي نه نه اهو سڀ ڪرشمو اٿئي منهنجي سس جو ڪمال موڪلي ته تڪو اڄ موڪل وٺي پئي آهي نه ڪو گهٽي جفا ڪشي ڪرڻي پئي آهي. باقي پوريون تريون آهن سي به امين چوي ته مان گرم گرم تريندي ويندس ۽ مهمان کائيندا ويندا."

ليلا ڳجهه لهڻ لاءِ چيو، "پوءِ ڀلا هاڻي گاڏي پٽي تان لٿي ته ڪو نه؟

ماما ٽهڪ ڏيندي چيو، "نه نه ڀاڻ فل اسپيڊ سان ڊوڙي پئي" ۽ پوءِ ٻئي ٽهڪن ۾ پئجي ويون. ماما ڳالهه وڌائيندي چيو ته "مون ٿورو سوچڻ ۾ تبديل ڪئي آهي ته هاڻي سس ۾ گڻ ئي گڻ پيا نظر اچن هر وقت آسيسن جا وسڪارا پيا ڪن. بس مان به تنهنجي چوڻ پٽاندڙ ها ۾ ها ملائي پئي هلان."

ليلا چٽڪي چڻيندي چيو "ته پوءِ اُهن آسيسن ۾ منهنجو به ڪجھ حصو آهي يا نه؟"

ماما چيو، "ليلا مان تنهنجا ٿورا ڪيئن لاهيان تو موڪلي ڀائي ورتو وڏن جي ٿوري شيوا مان

جڻ سرسوتيءَ جو واسو آهي آواز مڌر ۽ گيت ڳنڀير هجڻ سبب هال ڪڇا ڪڇ هن جي مستاني آواز جي جادوءَ جو جمال ڏسڻ لاءِ پرجي ويندا آهن ۽ اڄ پرڪاش ريڊيو سنگر آهي ۽ نئين زماني جي فرمائش جي ڪري هو اڄ ڪلهه ٽي. وي ءَ تي به وقت به وقت پنهنجون رچنائون پيش ڪندو رهندو آهي. پرڪاش انڪري وي. آئي. پي. جي قطار ۾ ڳڻيو ويندو آهي.

جيولي ڪاليج جي ڏينهن کان ئي پرڪاش جي آواز تي مدهوش آهي. هن جي هر نئين ۽ پهرئين ڪتاب جي خريدار شايد هوءَ ئي هوندي آهي. هن جي هر پروگرام جو ٽائيم ٽيبل هن وٽ ملي سگهندو. ريڊيو يا اسٽيج تي پروگرام هوندس ته هوءَ اڌ ڪلاڪ اڳ پهچي ويندي. مطلب ته هوءَ پرڪاش جي فن جي اهڙي قائل هئي جو چئي ڪٿي بس ڪر. جيولي دهليءَ جي امير ۽ عزتدار گهراڻي جي مهاندر ۽ سوڀماني ڇوڪري آهي. هن ڪاليج ۾ ئي گهڻائي دفعا پرڪاش جون شاعريون ۽ غزلون ٻڌيون آهن ته هن ته هيڏڪاري هوءَ پرڪاش جي فن سان گڏ هن جي سونهن تي به موهت آهي.

ٻه سال اڳ هن جي پاءُ ڪشور پنهنجي جنم دن جي

لاعلاج مرض

شاديءَ جي پهرين رات پرڪاش پنهنجي ڪنوار کي ڀاڪر ۾ ڀريندي ڀريندي اوچتو ائين ٿي ويو جيئن ڪو ڊرائيور ڪار هلائيندي هلائيندي اوچتو بريڪ ڪڍي هڻي.

پرڪاش 'امر' هڪ شاعر آهي. اهڙو جهڙو شاعر نه پر هندستان جي اعليٰ شاعرن ۾ هن جي ڳڻپ آهي. هن جي شاعريءَ جا ڪيترا ڪتاب ڇپجي هٿون هٿ وڪامي چڪا آهن. هر وقت پاٺڪن کي هن جي نئين نظم جو انتظار رهندو آهي ۽ ڇپجندي ئي اسٽاڪ ائين ختم ٿي ويندو آهي جو هٿائين گهڻن کي نراس موٽڻو پوندو آهي. نه صرف هن جو فن ڪتابي شاعريءَ تائين محدود آهي پر هو پنهنجي شاعريءَ کي ترنم جا رنگ ۽ ست رنگا سر ڏئي سينگاري اسٽيج تي پڻ پيش ڪندو آهي هن جي ڪنٺ ۾

ٻڌندي رهي. پر هاڻي هر روز جي ملاقات ۾ هن
هي اها جهجهڪ به ويندي رهي. پرڪاش جيوليءَ
کي چيو "توکي خبر آهي تون پنهنجي حسن جي
جادوءَ سان ڪهڙن کي ٿي گهايل ڪرين؟"

جيولي کلي وراڻيو "مونکي ڪهڙن کي گهايل ڪرڻ
جي تمنا ئي ڪونهي. پاڻکي خوش قسمت سمجهندس
جيڪر هڪ کي ئي نشانو بڻائي سگهان."

پرڪاش "ڇا اُن خوش نصيب جو نالو ٻڌائي ٿو
سگهان؟"

جيولي "نه بابا نه اهو ڪم اسان کان نه ٿيندو."

پرڪاش "پوءِ مان ڪيئن سمجهان تہ مان اُنهن
خوش نصيبن مان آهيان يا نه؟"

جيولي شرمائجي وئي هن جي مک تي مسڪراهٽ
ڦهلجي وئي.

پرڪاش "جيولي تنهنجي کلڻ وقت هيءَ ڳل ۾
جيڪو ڪڏ ٿو پوي سو نه ايترو گهايل ٿو ڪري جو
پڇ نئي اُهو مون ٿو ڪري......" ۽ پوءِ هو باقي لفظ
ڳالهي ويو.

جيولي مسڪرائيندي رهي.

"۽ هيءَ مسڪان نه هيڪاري غضب ٿي ڪري
سچ چئو اڻاٺون نه ناريءَ جي مسڪان ڇگن ٻلن کي

خوشيءَ ۾ پرڪاش جو پروگرام ٻڌڻ جي گهر ۾ رکيو هئو ۽ تڏهن کان ڪشور پرڪاش جو تمام گهرو دوست آهي ۽ جيوليءَ جو تعارف به تڏهن ئي پرڪاش کي مليو هو. پرڪاش هن جي سونهن، رنگ، روپ ۽ اُٿڻي وهڻيءَ تي موهت ٿي پيو هو ۽ گهڻو ڪري لوڪل پروگرامن ۾ ڪشور جي معرفت هن کي ٻڌڻ پڻ ڏيندو هو، جيولي پڻ ڪشور سان گڏ هن جي گهڻن پروگرامن ۾ ويندي هئي ۽ هاڻي ته پرڪاش بس وجهه وٺي ڪڏهن ڪڏهن هن جي گهر جيوليءَ جي روپ جو رس پان ڪرڻ لاءِ ايندو ٿي پيو هو.

جيوليءَ ۽ پرڪاش جي من مان پيار جي ٻج مان ڪڏهن ڦٽا اهو ٻنهين کي ياد نه آهي. پر هاڻي ته سلا وڌي وڻ جي روپ ۾ اختيار ڪري وڌندا ۽ مضبوط ٿيندا پيا وڃن.

هاڻي هنن جون ملاقاتون گهر تائين محدود نه رهي ڪڏهن هوٽل ته ڪڏهن پارڪ ۾ ٿيڻ لڳيون. هنن هڪ ٻئي جي پيار جو اظهار ڪيو قسمون کاڌيون ويون، واعدا ڪيا ويا ۽ پيار ڏينهون ڏينهن ويو زور پڪڙيندو.

شاعرن جي خوبي ٿيندي آهي گهٽ ڳالهائڻ ۽ گنڀير طبيعت. پهرين ته جيولي هن جي ماٺ ۽ گنڀيرتا کان

مڙد شڪي ٿيندا آهن ان ۾ ته ڪو شڪ ڪونهي. شايد اهڙي ئي ڪنهن شڪ جو سلو پرڪاش جي من ۾ اڀري آيو هو. هن جيوليءَ کان سوال ڪيو ”جيولي سچ ٻڌاءِ مون کان اڳ ڪنهن توسان پيار ڪيو آهي؟“

شاعر تمام ويچاروان، سنجيدا ۽ ڀاؤڪ ٿيندا آهن شايد اهوئي سبب هو جو پرڪاش هيڏيءَ نازڪ گهڙيءَ ۾ به هن کان اهڙو سوال ڪري وڌو.

جيولي اڄڪلهه جي ماڊرن ڇوڪري هئي. تمام کليل دماغ ۽ سلجهيل ويچارن جي هئي. هن ان سوال کي سنجيدگيءَ سان ڪونه کنيو، اهو ٻڌي هيڪاري هن کان ٽهڪ نڪري ويو. هن سمجهيو پڪ ئي پڪ پرڪاش يا ته هن سان مذاق ڪري رهيو آهي يا هو امتحان وٺي رهيو آهي.

جيوليءَ به مذاق جي نوع ۾ چيو ”ها ها ڪيو آهي، ضرور ڪيو آهي“ پرڪاش بلڪل سنجيده ٿي وري سوال دهرايو ”سچ“ پوءِ ڀلا ٻڌاءِ ته هو ڪير هو جنهن منهنجي پيار کي مون کان اڳ فتح ڪيو؟

جيوليءَ کي ٺٺولي سجهي آئي چيو ”ها هئو هڪ هن منهنجا پيار مان ڪيترا ئي نالا رکيا هئا. ڪڏهن چولڊ ۽ هو جوت، ڪڏهن چولڊ ۽ سپاهي، ڪڏهن چولڊ ۽ سنڌڙي، نه ڪڏهن چولڊ ۽ منڙي، ڪڏهن

چريو ڪيو ڇڏي."

جيوتي "سچ! مان اڄ ضرور ٻنهي جي مسڪراهٽ آئيني ۾ ڏسندي هئس." ۽ پوءِ ٻئي ٽهڪڙن ۾ ٻڏجي ٿا وڃن.

اُن ملاقات کان پوءِ ٻئي هڪ ٻئي طرف پيار جو اشارو سمجهي ويا ۽ ڪشور کي پڻ پرڪاش لاءِ ڳالهه جو اشارو ڏئي ڇڏيو جو هن کي دپ هو متان بلبل ٻيو ڪو باغ نه وڃي وسائي.

پوءِ نه ڏيءُ وارن کي ٻيو کپي ئي ڇا؟ پرڪاش سونهن ۽ سوڀ ۾ سوايو ئي هئو ڦـن هن کي ناماچار ۽ پئسي ٻنهي سان مالامال ڪري ڇڏيو هئو. اهڙو ڇوڪرو ڪير هٿون وڃائيندو؟

جيوتيءَ جا ماءُ پيءُ پرڪاش جي گهر وڃي هن جي ماءُ پيءُ سان پڪ ڪري آيا. جيوتيءَ جو ايم-اي جو آخري سال هو، انڪري ڇهه مهينا شادي روڪي وئي. ايم-اي جو امتحان ڏيندي ئي پرڪاش ۽ جيوتي هڪ سوٽر ۾ ٻڌجي ويا.

اڄ شاديءَ رات پرڪاش جيوتيءَ کي ڀاڪر ۾ ڀريندي ڀرپور ٻهي ويو آهي. اڙيڪ اوچتي لڳڻ سان جيئڻ سوار جي من ۾ ڌڪو پوندو آهي ليڪن جيوتيءَ جو من ته ڌهڪجي ويو.

ڪليو ڳالهايو ته . توهان ان سوال جو پهرين جواب ڏيو پوءِ مان ٿي ڏيانو."

پرڪاش "بيوقوف نه ٿيءُ مڙدن کان اهڙا سوال اڄ ڪائين ڪنهن زال پڇيا آهن جو تون ٿي پڇين؟"

ان جو مطلب ته توهان اهڙي سوال جو جواب نٿا ڏيڻ چاهيو ته پوءِ مان به ان لاءِ مجبور نه آهيان ته اهڙي سوال جو جواب ڏيان .

جيوتي گمڀير ٿي وئي. پرڪاش چيو "توکي ته ضرور ان سوال جو جواب ڏيڻو ٿي پوندو. تون ته اظهار به ڪري چڪي آهين."

جيوتي "مان ٿي چوان مان ڪلاڻ وٺي توهان بيڪار شڪ جا شڪار ٿي ويا آهيو ۽ توهان اهو به ٻڌو هوندو ته شڪ جي دوا ته حڪيم لقمان به ڪونه ڏئي سگهيو." هي اهڙو مرض آهي جنهن جو علاج ڪونهي...... "لاعلاج مرض."

پرڪاش "تون فالتو ڳالهيون ڪري منهنجو من ٻئي پاسي نٿي ڪري سگهين. توکي ٻڌائڻو ٿي پوندو ۽ اهو به سچ."

"چڱو بابا ٻڌايانو ٿي، ته دل ٿامي ٻڌو."

ها ها جلد ٻڌاءِ .

چونڊ و گلاب گل، نہ ڪنھن ڪمل گل. ۽ پوءِ هو
ٿڪڙن ۾ ٻڌجي وئي .

جيوتيءَ جي ڳالهہ کي وچ ڪٽي پرڪاش ڪرو
جي لوع مان چيو "نہ هن اوکي ايترا خطاب ڏنا هئ
ڪير هئو اهو مردود جلد ٻڌاءِ؟"

ايترو چوندي چوندي غصي مان هن جون اکيون
ڳاڙهيون ٿي ويون، ڏند ڪرٽجڻ لڳا، هن جون
مٺيون ڀڪوڙجي ويون . ڪروڌ وٺڻ سان ڏڌ هن جي
رڳن ۾ خون جو دؤرو بہ تيز ٿيندو ويو. هو وڌند
جيوتيءَ ومت آيو ۽ هن جي گلي کي ٻنهي هٿن سان
دٻائي چوڻ لڳو، "مونکي گهڻو غصو لــہ ڏيار جلد
ٻڌاءِ هو هئو ڪير؟"

هن جي هٿن جي جڪڙ جيوتيءَ جي گلي لي وڌ
لڳي پرڪاش جي هٿن مان يڪدم گلو ڇڏائي هو
پرڀرو ٿي هيڪاري ٿڪ ڏيڻ لڳي "مڙد هميشه
شڪي ٿيندا آهن اج تائين مون صرف پڌو هو پر
اج تہ ڏسان بہ ولئي. زالن تي شڪ شبهہ نہ ڪن
ڪم ٿي نہ ٿهين، پوءِ پاڻ پلي ڪنهن سان بہ گهمن ڦرن
ڪلن ڳالهائين يا ڪجھ بہ ڪن تہ خود تي ڪو ڏوهہ
ٿي ڪونهي . پلا جيڪر اهوئي سوال مان توهان کان
پڇان تہ مونکان اگر توهان ڪنهن سان گهميا ڦريا

امانت

سِٽي بس جي سامهون سيٽ تي نظر پوندي ٿي هڪ عورت جي هنج ۾ سال ڪن جي ٻچي ويٺل ڏٺم، ٻار ته اسين روز پيا ڏسون پر هوءَ ٻلي اهڙي سندر، سهڻي، پياري، گڏيءَ سمان هئي جو اکيون هن جي چهري تان جڻ دور ٿيڻ ٿي نه پيون چاهين. گول مٽول سرير، گول گول منهن تي ٽماٽي جهڙا ڳاڙها ڳل، رنگ اهڙو سهڻو ۽ سونهري جهڙو انگريز ٻار هجي. اکيون گول ڀوري رنگ جون اکين جون پتليون اهڙيون ڀوريون ۽ گول جڻ ڪنهن نه ڪانچ جا چمڪندڙ بلور يا گوليون فٽ ٿيل هجن. وار سونهري ڪڪي رنگ جا. صرف هڪ هيٺيون ڏند هيٺ مٿي اڇا کير جا نڪتل هئس جيڪي هيڪاري هنجي سندرتا ۾ چار چنڊ لڳائي رهيا هئا. چپ اهڙا قدرتي ڳاڙها جڻ ايشور قدرتي لپسٽڪ تمام ڏيان ۽

جيولي ”هو منهنجو سٺن ورهين جو ٻڍڙو پيارو پيارو ڏاڏو هو ڏاڏو ۽ مان هميشه هنجي پنجين ورهين جي سڪيلڌي پوٽڙي، جنهن کي هو ايڏو پيار ڪندو هو ايڏو پيار ڪندو هو جو پڇو ئي نه....“ چوندي چوندي جيوليءَ کان ٽهڪ نڪري ويا جو بس ئي نه ٿين.

هاڻي پرڪاش جو منهن ڏسڻ وٽان هو.

نه چاهيندي به پرڪاش جا ٽهڪ جيوليءَ جي ٽهڪن سان شامل ٿيڻ لڳا.

□□

ڏس نه منهنجي گهر ڀيڻ شرط گهر ۾ چاچن ۽ ڀائرن
جا ٻار اچي مونکي گهيري ويندا آهن ۽ ٽيستائين
ڪون ڇڏيندا آهن جيستائين پنج ڏهه منٽ هر ڪنهن
کي گود ۾ کڻي نه کيڏايان. هن جي ٻي خوف
۽ تسوارت مشڪ ڏسي منهنجي سڄي ڏينهن جي
ٿڪاوٽ دور ٿي ويندي آهي. هن سان گڏ مان
نه ٻارن ۾ ٻار ٿي پنهنجو سڀ غم ڀلجي ڪلڻ، ٽپڻ
ڊوڙڻ لڳندو آهيان ۽ وقت ايڏو جلد پور ڪري
اڏامي ويندو آهي جو خبر ئي نه پوندي آهي ته ڪو
هن سان راند ڪندي ڪلاڪ گذري ويو آهي."

سيٺ ٿي ويٺل ٻين شخصن به هن جي ها ۾ ها
ملائي ۽ پوءِ سڀ پنهنجي گهر جي ۽ پاڙي جي ٻارن
جا قصا ڪڍي ويهي رهيا. سيٺي جو ڪيمدر ته
هوءَ اهڙي ئي هٽي جنهن کي ڏسي هن ٻارن سان
ڳالهائڻ شروع ڪيو ۽ پوءِ ڳالهه ۾ ڳالهه اٿين اکرڻ
شروع ٿي جيئن ڪو ٻصر ۾ ٻصر جي ڪل اڪرندي
ٿي وڃي.

مان به اهو سڀ ٻڌي سوچي رهي هئس ته اهو
سچ آهي جنهن گهر ۾ ٻارن جي هلچل ڪونهي اهي
ڪي منحوس ٿيندا آهن. مونکي ته ٻارن سان خاص
لڳاءُ هو. خاص ڪري گود جي ٻارن يا ٽين سالين
ڏائين نندين ٻارن سان، جيڪي پنهنجي ٻٽي ۽ ٽين

لڳن سان وڻهي لڳائي هجيس. ٻيٻي کي ڀرپور نظر ڏسڻ کان پوءِ مون سوچيو ڌنيه آهي اُها ماءُ جنهن اهڙي پياري ٻچڙيءَ کي جنم ڏنو آهي. ايترو سوچيندي ڌيان آيو ته ضرور ماءُ به اهڙي خوبصورت هوندي پر ماءُ تي نظر وجهڻ سان نراسائي هٿ آئي ماءُ ڪا خاص خوبصورت نه هئي پر ٻيٻي لاجواب هئي.

منهنجو من هر هر ٻيٻيءَ کي هنج ۾ کڻڻ جي چاهنا ڪري رهيو هئو پر اڇا هوندي به من تي ضابطو ڪرڻو ٿي پيو. اهو سوچي ته هن جي ماءُ ڇا چوندي؟ وري ٻار ڪڏهن پرائي انسان وٽ اچڻ قبول نه ڪندا ۽ روئڻ لڳندا آهن، اهو سوچي چپ ڪري ويٺي رهيس.

بس ۾ ايندڙ يا آس پاس سيٽ تي ويٺل اهڙو ڪو به مسافر نه هو جيڪو هن ٻار کي نظر انداز ڪرڻ جي حماقت ڪري سگهي. ڇو جو ان ۾ شڪ نه هو ته هو عام ٻارن کان ڪجهه الڳ ٿلڪي پئي ڏسڻ ۾ آئي. آس پاس ويٺل سوارين جي نظر هڪ ٽڪ ٻيٻيءَ تي هئي. ڇو نه هجي! ٻيٻي هئي ئي دل لڀائيندڙ. آخر بس هلي ته ٻيءَ سيٽ تي ويٺل هڪ شخص پنهنجي پرسان واري سيٽ واري کي چيو ’ٻار به ڪهڙي نه ايشور جي ڏين آهن تمام وڻندڙ ۽ پيارا ٿا لڳن. گهر هنن جي ٻولين سان ڇهڪندو ٿو رهي. هاڻي

هيڪاري ڏنڌلي ٿي وئي ۽ بلڪل دل تان اُتري وئي هجي اها ڳالهه جڻ ناممڪن ٿيڻي ڀاسي.

ان ڳالهه کي اٽڪل ڏهه مهينا گذري ويا پر اها موهڻي مورت وري ڪنهن بس اسٽاپ، بس يا بزار ۾ ڏسڻ ۾ نه آئي، نظرون هن کي ڳولهينديون رهيون هيون پر اهو ڪو اتفاق هو نه ڪ زبرن ڪا ڪوشش.

اچانڪ ايتري عرصي کان پوءِ هڪ ڏينهن جڏهن مون بس جو انتظار پئي ڪيو ته هن من موهڻي ٻچيءَ جي ماءُ به بس جو انتظار ڪرڻ اچي بيٺي. مون دل دماغ تي زور لڳايو ته جيڪر مان غلطي نٿي ڪيان ته ضرور هيءَ هن ٻچيءَ جي ئي ماءُ آهي. همت ڪري مان هن جي ڀرسان وڃي دل ۾ وڌو وشواس پيدا ڪري چيم ”ڀلا اگر توهان برو نه مڃو ته هڪ ڳالهه پڇان؟

هوءَ اجنبي نگاهن سان مونکي ڏسندي رهي پوءِ چيائين ”ها ها پڇو نه؟ مون ڇهه ڪافي عرصو ٿي ويو مون هڪ پياري ٻچي توهان جي گود ۾ ڏٺي هئي جيڪا هڪ دفعي ۾ ئي منهنجي دل چورائي وئي هئي پر ائين نه سمجهجو ته ڪو مان هن کي نظر هڻي رهي آهيان. در اصل مونکي ننڍڙن ٻارن سان بيحد لڳاءُ آهي انهن کي راند ڪرائڻ ۾ مونکي الڪ آنند محسوس ٿيندو آهي. پر اڄ توهان ٻچيءَ

ٻولين سان اسان کي کلائيندا ۽ اسان جو من موهي وٺندا آهن. منهنجو من ور ور پيو چاهي ته هن ٻيٻيءَ کي هنج ۾ کڻي خوب پيار ڪيان پا هن جي ماءُ کان گهر جي ائڊريس وٺي اجازت وٺانس ته مان ڪڏهن اچي توهان جي ٻيٻيءَ سان گڏجي ۽ ان سان راند ڪري ٿي سگهان؟ پر ڪجھ هچڪ ۽ ڪجھ جهجهڪ مونکي روڪي ڇڏيو. آخر منزل اچي وئي بس مان لهڻ وقت مون ٻيٻيءَ جي ڳلن کي پنهنجي ٻنهي هٿن ۾ جهلي پوءِ ڇڏي ڏنو. اهو ڇهاءُ جڻ اڄ به هن جي معصوميت جي ياد ڏياريندو رهندو آهي. هونئن ته گهڻيئي ٻار پيا روز ڏسون پر هن ٻار ۾ الائي ڪهڙي ڪشش ۽ جنبش هئي جو جڻ هن جي مورت منهنجي اکين ۾ سمائيندي دل ۾ پيهي وئي ۽ اڄ ڏينهن تائين جڻ دل اندر ڏيرو ڄمائي ويٺي آهي.

ان ڳالهه کي ڪافي وقت گذري ويو جيئن آئيني جي صاف شيشي ۾ صورت صاف ۽ چٽي ڏسڻ ۾ ايندي آهي اُن طرح هوءَ ٻلي ا، منهنجي دل جي آئيني ۾ صاف ۽ چٽي ڏسڻ ۾ ايندي ايندي ائين ڌنڌلي ٿي وئي جيئن آئيني تي مٽي ڇڙهڻ سان مورت ڌنڌلي ڏسڻ ۾ اچڻ لڳندي آهي. وقت گذرندي پاڻ اها

کان گهلي هڪ پاسي ايڪانت ۾ وٺي ويس. هن جا ڳوڙها اُگهي ور ور پڇڻ لڳي هن ٻڌايو "ته ڇا ٻڌايانءِ پيٽ ڀلي بيمار به هجي ها ته ٺيڪ ٿيڻ لاءِ علاج هو پر الائي هن کي ڪهڙي نظر کائي وئي جو ٻارڙي هن دنيا ۾ ٿي نه رهي مون کي ڇڏي پيو جهان وڃي وسايائين."

اهڙو ٻڌي مان ته سن ۾ پئجي ويس دل ڏڪ سان رهجي وئي ۽ منهن مان نڪتو "هي توهان ڇئو ڇا پيا؟ ڪڏهن ٿيو هي سڀ ڪجهه؟ ٿيو ڇا هو هن کي؟

هن چيو، "بس ٽي ڏينهن بخار رهيس ۽ ٽئين ڏينهن هوءَ مون کي روئندي رڙندي ڇڏي هلي وئي."

ائين چئي هيڪاري هوءَ وڏيڪ روئڻ ۾ اچي چڪي. مون کي به لڳو جڻ منهنجو هيانءُ به ڦاٽو اجهو ڦاٽو.

هاڻي مون رمز ڇوڙ لاءِ ڇا هو؟ من پيو چوي گهڻو ڪجهه پڇانس پر هاڻي پڇڻ لاءِ رهيو ئي ڇا هو؟ بيماريءَ ۾ ڪا لاپرواهي ته نه ڪيائون ۽ دوا داروءَ ۾ ڪا ڪسر ته ڪين رکيائون؟ نظر لڳي هئس ته نظر ڪڍايائونس ڪين ڇا؟ پر اهو سڀ پڇڻ شايد هڪ ماءُ جي لاءِ وڏي ڏوهين ٿيندي. سوچي چپ ٿي ويس. وس پڄندي ماءُ پيءُ ڪو گهٽتائي ڪٿي هوندي؟

هن سڏڪا ڀريندي چيو "هن جي سوٽهن ئي شايد هن جي دشمن ٻڌي وئي. اوڙي پاڙي وارا ته ڇا

ڪي ڳڻ ڪون وٺي آيا آهيو ڇا؟

منهنجي ڳالهه ٻڌي هوءَ ڄڻ ٻيءَ دنيا ۾ گم ٿي وئي ۽ ڪجهه سوچڻ لڳي ۽ پوءِ جهماجهم ساوڻ جي برسات وانگر هن جي اکين مان آنسون وهڻ لڳا. هن پنهنجي اکين تي رومال رکي ڳوڙها لڪائڻ جي ناڪام ڪوشش ڪئي پر سڏڪا بند ٿي نه ٿيس.

مان وائڙي ٿي هن جو منهن ڏسندي رهيس سوچيم، "مونکا ڪا ڀل ٿي يا ٻيءَ سان ڪا واردات؟"

مون همدرديءَ وچان هن جي ڪلهي تي هٿ رکي ڏڪندڙ دل سان چيو، معاف ڪجو شايد مون توهان جي دل دکائي ڇڏي. توهان کي منهنجي ڳالهين تان صدمو رسيو هجي ته مان معافيءَ جو طلبگار آهيان. يقين مڃيو ته منهنجو مطلب توهان جي دل دکي ڪرڻ سان نه آهي پر ڇا ٻيءَ بيمار آهي جو توهان هيتري دکي نظر اچي رهيا آهيو؟

هوءَ ويتر وڌيڪ روئڻ ۾ اچي ڇٽڪي، اهڙي قدر جو آلي ٻيٺل مسافرن جو ڌيان از خود ڇڪجي اچي هن عورت ڏانهن مائل ٿيو. ڇو جو بس اسٽينڊ هڪ پبلڪ پليس هئڻ سبب اهو هڪ عجيب حادثو هو. ڪمر ان قدر زور زور سان روئي. مان هن کي ٻانهن

ضرورتمند انسان

پوهه جو مهينو ڏاڍي ڪڪڙائيندڙ ٿڌ. اُن جو وقت هجي ۽ هرڪو انسان رضائيءَ کي آکيري جو روپ ڏئي چئني پاسي رضائي سميٽي سيءَ کان سوگهو ٿيو پيو آهي جيئن ڪا جهرڪي ٻچڙن سميت آکيري ۾ پاڻ کي هر مصيبت کان محفوظ سمجهي. اُن جو پهرڪو هو. خاص اجاڻ اُڀ ۾ نه اُڀري هئي. قدرتي طور هن وقت جي ننڊ گهري، مٺي ۽ پياري لڳندي آهي. پر جي اهڙي وقت ڪي آواز اچي ڪنن جي در تي ٺڪ ٺڪ ڪن ته جاڳڻ جي مجبوري ڇٽي پيو ڇا؟

اهڙي ئي وقت زوردار ۽ جاندار آواز ڪنن سان اچي ٽڪرايا- رام ...... رام ...... رام ...... رام ...... جيڪو ڏئي تنهنجو ڀلو خير ...... نه ڏئي تنهنجو ڀي خير ...... رام ...... رام ......

راهگير به هن ڏي ڇرڪيا هئا. نظر ۾ مان وشواس نڪرندي آهيان پر هاڻي چاهي ٿي ته سوچيان هوءَ ڪٿي منهنجي گود، گهر، پاڙو اوڙو سڀ سنسان ڪري وئي ۽ هوءَ وري اکين ٿي رومال رکي سڏڪا ڀرڻ لڳي.

منهنجون اکيون به هاڻي جهل نه سهي سگهيون ساوڻ جي ڪڪرن وانگر وسڻ لڳيون. سوچيم جڏهن مون لي ئي هن اهڙو هڪ نظر ۾ جادو ڪيو؟ هيڏي عرصي کان پوءِ به هن کي ڀلجي نه سگهيس تڏهن هيءَ نه هنجي ماءُ آهي اولاد جي وڇوڙي جي ڄر ۾ جلي ڪٺي خاڪ ٿي وئي. ممتا جي ماري ڪيئن دل، دماغ تي قابو ڪندي؟ هن تي سچ پچ ظلم ٿي وهي ويو، ڪيئن صبر ڪندي؟ اهو سوچي مان آهي اکر سوچڻ لڳيس جن سان هن کي ڪجهه همدردي رسي، آخر همت ڪري مون پنهنجا ٻئي هٿ هن جي ٻنهي ڪلهن تي رکندي صرف ايترو چيو، ”ڀيڻ، ايشور جي امانت هئي اُهن ئي گهرائي ورتي.“

ائين چئي مان پڻ روئڻ لڳيس.

ايتري ۾ بس اسٽاپ تي اچي بيٺي اسان ٻئي ڪن بس ۾ ويهي الڳ الڳ وڇڙن جي دنيا ۾ گم، اهيءَ کي ڳوڙهن جي شرڌانجلي ڏيئي رهيا هئاسين.

۽ اسان جو سڀ سونهن، ڪسوٽ معيار ۽ مثالن ۽ جوڙان مان به ٽٽو لهي.

ڏاڏو هو پڪو ڳالهيءَ وادي ويچار ڌارا جو. اسان جي ديش جي غريبيءَ ڏسندي هڪ ڪپڙي، ۾ رهڻ ڪپي جيئن ڳانڌيءَ پهنجي جيون ۾ هڪ ڪپڙي ۾ رهي زندگيءَ گذاري. اها ڳالهه هنن کي ايترو زباني ياد هئي پاڻ به ٻه چار ڳاڻ ڳڻيا وڃا رکندا هئا ۽ هون صرف هڪ سڪيلڊو ڪوٽ.

سو فقير ڪسي سيءَ ۾ ٺڪندو ڏسي دان ورليءَ هيڪاري پڙڪو ڪاڏو.

لاهيندي ڪوٽ ڏاڪڻ لهي پهندا پهندا فقير ڏاڏيءَ پهنجا ۽ ڪوٽ چڱيءَ طرح هن کي پارائي ڏهن پنيان ڦيرڪري واپس موٽيا.

دل ۽ دماغ ٻي شانتيءَ جسي چانو جي لذت محسوس ڪرڻ لڳا. ڏاڏي جو اصول هو ڏيڻ نه ڪڍهن وٺڻ.

گهر ۾ سڀني جو هئي وارداس ڏني سو سٺو نه وٺن. پلا اچڪلهه جا پڙهيل لکيل دکيالوسي ويچارن ڪان پري ماڊرن ويچارن جا پوئنا پوئيون. سواچي ڏاڏي کي ورنالون.

وڏي پوڙي جيو، توهان به ڪمال ٿا ڪيو هين

آواز اهڙا زوردار ۽ وزندار هئا جو ننڍي ڄڻ اکين کان موڪلائي هلي وئي، پر ڪري ڄڻ پري اڏامي وئي. پر هي آواز نہ پهريون دفعو ٿيا ٻڌڻ ۾ اچن. هن کان اڳ ڪڏهن بہ ڪونہ ٻڌڻ ۾ آيا آهن.

هو گهر مان هڪ ٻہ مديءَ ٻاهر نڪري آواز ڪرڻ واري کي ڏسڻ لاءِ آتي ٿي لڳي.

هڪ دفعو بسترو ڇڏڻ کان پوءِ ليٽڻ يا سمهڻ منهنجي أصول ۾ نہ هو. جڏهن أٿو ٿي پيو هو تہ مون بہ اکين روئي دوڙائين رستي ڏانهن ورائي.

هڪ پيرسن جنهن جي بدن تي هڪ لنگوٽيءَ کان سواءِ ٻيو ڪو ڪپڙو نہ هو، وار رکا، ڪلهن تائين ڊگها ۽ اڇا جهڙي ريشمي اڇي ۽ نرم پشم، هڙي سيءَ ۾ جڏهن ماڻهن جو سيءُ سوئٽر ۽ ڪوٽ ٻڌهي جي پائڻ سان نہ پئي لٿو سو هن پيرسن کي ڏسندي ٿي ڄڻ ٻن ٻن گرم ڪپڙن ۾ بہ سيامت اندر تائين ڪاهي پئي ويو.

سيارو هجي يا اونهارو پيرسن ڙالون ٽوڙي مڙد اسر جو أٿي سنان پاڻي ڪري رام نام جو جاپ ڪندا آهن. منهنجو ڏاڏو ڏاڏي بہ أنهن مان هڪ هئا. پراڻا بزرگ دل جا دائي ديالو مذورٽيءَ جا ٿيندا آهن. ڏاڏي جو ليٽو الي ڏلو تہ مار منجهان 'فقير سيءَ پيو ٿو ڏکي. واڳاريءَ وٽ خميس نڪر ڪوٺي

توهان سيءُ".

ڏاڏي شانتي ڪئي صبر سان سيئي جي پُٺي ٻڌي پر جڏهن پاڻي مٿي کان نڪرڻ لڳو ته صبر جي سيما ٽي ٽٽي پئي، "چڱو هاڻي گهڻو ٿيو، بس ڪيو اما بڪ. اڄڪلهه جي ٻهيءَ ۾ دان ڌرم جو نالو ئي ڪونهي. جيڪر ڪير ڪري به ته مهاڀارت ڪٿي ٿا مڃائين. مان سيءَ ڏيکاريندس ته؟ مون پڇندو ڪوٽ ڏنو آهي توهان مان ته ڪنهن جو ڪون ڏنو اٿم جو آسمان ڪٿي مٿي تي کنيو اٿو؟"

ڏاڏي جي ڪروڌ کان سڀ ڊڄندا هئا. ڪروڌ ۾ ته ڪڏهن ڪندا ڪونه هئا پر جي ڪيائون ته پڇيون به پيون ڪنبنديون هيون. چپ ٿي ويا.

ٻئي چوٿين ڏينهن وڏي ٻوٽي کـــي ڪنهن ڪم سانگي ڪپاڙي بزار وڃڻو پيو. اڄڪلهه پراڻا ڪپڙا به توهان کي ڪپاڙي بزار ۾ ملي سگهندا. اچانڪ نظر وڃي هڪ ڪوٽ تي پئـــي جو تمام سليڪيءَ سان ڪليءَ ۾ ٽنگيو پيو هو. ڏسي حيران ٿي ويو ڇا ڏسي ته ڏاڏي جو ڪوٽ ئي آهي. تسلي ڪرڻ لاءِ پرسان وڃي هن جا ٻٽڻ ۽ استر اُلٽ پلٽ ڪري ڏسي پڪ ڪيائين ته آهي بابا جو ئي ڇو جو جڏهن ڊراءِ ڪلين ڪرايو هئائون تـه هيءُ ئي ڄاچي ڪٽي

فقيرن جي چالاڪيءَ ڪسي چاڙهون ٿا جيڪر هي نه ڪپڙا پائي پنن نه هنن کي ڪير ڏئي پيسا؟ ان ڪري اگهاڙا پيا گهمن. مان توهان جهڙن کي بيوقوف بڻائي سگهان.

پوٽي به ڪاليج ۾ پڙهندي هئي اخبارون پڙهندي ءَ اڄ جي فقيرن کان بخوبي واقف هئي، چيائين بابا "توهان کي خبر آهي ته اڄ ڪلهه جي فقيرن وٽ ٿي سيٺي کان وڌيڪ پئسو ملندو. ڪجهه ڏينهن پهريان جوڌپور جي هڪ فقير جي مرڻ تي هن جي وهاڻي، گدڙيءَ ۽ ڪچي گهر جي ڇت مان لکين رپئي جا نوٽ مليا هئا ته به هن پئسي جو استعمال ڪونه ڪيو. بيڪم ٿي پيندو رهيو سيٺي کان سٺو وسيلو آهي پئسي ڪمائڻ جو. نڪو مُور لڳائجي نڪو محنت لڳي اڄ اهو سولو ڌندو هنن لاءِ ٿي پيو آهي. توهان اخبار پڙهي ڏسو ته روز اهڙيون واردائون پڙهڻ لاءِ ملندو ۽ توهان ڇهين سئين وارو ڪوٽ لاهي ڪٽي ڏنو نڪا ڪيو هو نڪا ڪيو تم ڪنهن کان پڇڻ به ڇنو".

بيو پوٽو چو چپ رهي، "بابا اهڙا مهانگا ڪوٽ پلا روز ٿا ٺهن؟ توهان کي خبر آهي گرم ڪپڙو اڄ ڪلهه ڪيڏو ڇوٽ چڙهي ويو آهي پاڻوءَ پنهنجي شاديءَ ۾ توهان کي نهرالي ڏنو هو هاڻي ڏڪو

نباڻيءَ جو ڀاڱو

رجني پلنگ تي ليٽي پئي. هن جي نظر ٽڪ ٽڪ ڇت جي هلندڙ پکي کي ڏسي رهي آهي. پکي جي هلندڙ تيز رفتار کان وڌيڪ تيزيءَ سان ويچار هن جي دماغ ۾ گول گول گهمي رهيا آهن. جيئن گولي جو ڪٿي انت ڪونه هوندو آهي هن جي ويچارن جو به ڪو انت ئي ڪونهي. ڳوڙها اکين جي ڪنڊن مان وهي وهاڻو پسائي رهيا آهن، ڀلا هن کي اها سزا ڇو ملي رهي آهي؟ سماج جو ڪهڙو ڏوهه ڪيو آهي هن؟ ڪنهن جي ٻلي ماري اٿس؟ ”اٺو ڏاڏو ڪوئي مار پئي ڳاهي ٿي“ واري ڳالهه ٿي پئي ڇا ؟

رجني بئنڪ ۾ نوڪري ڪندي آهي. هوءَ ايم. اي. پاس آهي تمام سٺي پگهار به ملندي

آيو هو. ان ڪري هن ڪـي ڪومت جي ڄاڻ هئي. پڪ ٿيڻ لئي اُن ڏينهن ڪـان وڌيڪ ڪروڙ اڄ آيس.

گهر اچي جڏهن ڳالهه ڏاڏي سان ڪيائين ته ڏاڏو ڪنهن به صورت ۾ مڃڻ لاءِ تيار نه هو ته ڪو ڪومت ڪباڙي بزار ۾ واقعي ٿي سگهي ٿو. دل جي تسلي لاءِ چيائون ”چريا تو ڪومت پورو سچالو نه هوندو.“

اُهو منهنجو ٿي ني اٿو سگهي ضرور توکي سڃاڻڻ ۾ ڀل ٿي آهي. ڀـلا اهڙو ضرورتمند انسان ڪڏهن اهڙي گستاخي ڪري ٿو سگهي؟ □

مالڪ ڪونه هو. هڪ معمولي ڪلارڪ هو، سو آندو ۽ ڪاڙهو وارو ڦڪو رجنيءَ جي ماءُ کي ڪنهن پسند نه آيو. هن سپنا ڏٺا هئا اهڙي راجڪمار جا جيڪو هن کي آسمان جي سير ڪرائي، هن جي زندگيءَ کي خوشين سان پوري ڇڏي. هن جي هڪ مسڪراهٽ تي چنڊ تارا قربان ڪري ڇڏي. هن جي رسڻ تي جڳ دنيا کي رٺل سمجهي ۽ پرچڻ تي بهار جو انڀو ڪري.

پر هڪ ڪلارڪ انهن سپنن کي ڪٿي ٿو جڳهه ڏئي؟ رجنيءَ جي پتا کي سپنن کان چڙ هئي. هو حقيقي زندگي گذاري رهيو هو ۽ حقيقت ۾ ئي وشواس رکندو هو. ڪي لڀاڙون هڻندو هو نه اهي هن کي پسند ئي هيون. ٽڪو ٽو رات جو منهن وڙهي جو پوندو هو ته وري صبوح جي چمڪا پٽي ستائيندي هئس. تمام گهٽ گهمڻ ڦرڻ جو وقت ملندو هوس. پڪچر يا پارڪ ۾ مهڻن ۾ گهمڻ نڪرڻ جو پروگرام ٺاهيندو هو. جيئن گهر جو بجيٽ بگڙي نه وڃيس. ان ڊپ کان ٻاهر نڪرڻ جا تمام گهٽ موقعا رجنيءَ جي ماءُ کي ملندا هئا. اُن ڪري هوءَ من ۾ پڇي پوسرندي هئي. هن جي جواني جڻ بيڪار ٿي وئي، هن جا سپنا جڻ چور چور ٿيڻ لڳا. هن جي

اُٿس. روپ اهڙو جو ڏسي ٻهو ڏسيندس. بئنڪ مان اچي ساڙهي ۽ سئنڊل سوڊو ٿي پاڻ کي هن پلنگ تي ڪٽي ڦٽو ڪيو. جڏهن به هن جي شاديءَ جي ڳالهه هلندي آهي ته گول مول جواب ڏيئي ٽاريندو آهي هر ڀيري.

آرتوار ڏينهن ڪمار هن کي ڏسڻ آيو هو هن جا گهر وارا به هئا. رجنيءَ جي روپ رنگ ۽ نوڪريءَ مان بيحد خوش پئي نظر آيا. ماڊرن وچارن جا به هئا. پوءِ وري اڄ هن به اهو گول مول جواب ڇو ڏنو؟ ڇو؟

ان سوال جو جواب ڏئي ڪير؟ ماءُ ڏئي ٿي سگهي جنهن جنم ڏنو ڇو جو هن پنهنجي جوانيءَ جي اڌ ۾، خواهشمند جيون جي اُمنگ ۾ اڳ پٺ جاچڻ کان سواءِ هن ننڍڙيءَ جان کي کڻي ڄڻ باهه جي ڀٽيءَ ۾ اُڇلايو.

اڄ لائين ته بدلي ۾ آيو هو ته ماءُ مانيلي ٿيندي آهي پر نه رجنيءَ جي ماءُ سچي هئي ۽ پيءُ مانيلو. رجنيءَ جي ماءُ جي شادي ننڍيءَ عمر ۾ ئي ٿي وئي هئي پر رجنيءَ جي جنم کان پوءِ ته اُن گهر ۾ ڄڻ هن کي ڪڏهن شانتي محسوس نه ٿي جو رجنيءَ جو پتا غريب هو. هو ڪنهن ڪوٺيءَ ۽ ڪار جو

هئي. ميلاپ وڌالدي ڪشور کي اهڙو جادو ڪيو جو هن شادي شده هوندي به زال ۽ ٻارن کي ڇڏي رجنيءَ جي ماءُ سان الڳ رهي زندگي گذارڻ جا واعدا ڪيا. ويچاري رجنيءَ جي پيءُ کي رجنيءَ جي ماءُ جي وهنوار جو اهڙو برو اثر پيو جو هن کٽ ڪٽي پڪڙي ۽ هڪ ڏينهن دل جي صدمي سان هن فاني دنيا ۽ ان جي بيوفا ماڻهن کي ڏسڻ کان انڪار ڪندي پنهنجون اکيون ڪٽي پوريون.

رجني اهڙيءَ طرح ماٽيلي پيءُ جي ڌيءُ ٿجي وئي. اهو جوڙ غلط ٿيندو آهي. هن ڪو رجنيءَ کي دک، تڪليف يا ڪمي هئي. ڪشور هن کي سڳي پيءُ جيان پيار ڏيئي پالي رهيو هئو. هن جي نيپاج ۽ تعليم ۾ هن ڪا ڪسر نه ڇڏي آهي. ته جيئن جيئن رجني وڏي ٿيندي وئي هن کي سچائيءَ جي ڄاڻ ٿيندي وئي ته هن کي ان جيون سان نفرت اچڻ لڳي. هوءَ سماج جي قانون سان واقف ٿيندي وئي ۽ پنهنجي ماءُ جي بدنام زندگيءَ جي داغ کي ڌوئي جوڙ هاڻي لڪجي پئي.

اڄ به ڇوڪري وارن اهو ئي جواب ڏنو هو ته ڇوڪريءَ جي ماءُ جي هلت چلت ٺيڪ نه رهي آهي ۽ ڇوڪري به اهڙي ئي هوندي.

سپنن جو محل پٽ پئي ڪرڻ لڳو ٿــي چڪو هو. هن سوچيو جيڪر اهائي زندگيءَ جي روش رهي ته هوءَ آخر گهات ڪري ڇڏيندي. پر اهڙو وقت ڪو نه آيو. ڪشور هن جي جيون ۾ ڄڻ سپنن جي راجڪمار وانگر اچي پرگهٽ ٿيو. رجنيءَ به پنهنجي حسن جي جادوءَ سان هن کي اهڙو گهايل ڪيو جو ڪشور هن جي ڦندي ۾ ويو ڦاسندو. جيئن هرڻ شڪاريءَ جي ڄار مان نڪرڻ جي ناڪام ڪوشش ۾ هيڪاري ويندو آهي ڦاسندو، تيئن ڪشور به هن جي ڄار ۾ ڦاسندو ٿي ويو. ڪشور وڏي ڪاروبار جو مالڪ آهي. ڪشور وٽ ڪار آهي، بنگلو آهي ۽ اٿس اٿاهه دولت. جيڪا ڪجھ به خريد ڪري ٿي سگهي. اهو سڀ هن کي پيءُ کان سڪيلڌو پٽ هئڻ سبب ورثي ۾ مليو آهي.

ڪشور ۽ رجنيءَ جو پتا ڪنهن وقت گڏ پڙهندا هئا ۽ سٺا دوست هئا. اُها دوستي هنن جي اڄ تائين قائم دائم آهي. ڪشور پهريان ته ڪڏهن ڪڏهن ٿي رجنيءَ جي پتا وٽ ايندو هو پر پوءِ ته رجنيءَ جي ماءُ جي سونهن ۽ هن جو ڪشور ڏانهن جهڪاءُ ڏسي هو روز هن لاءِ قيمتي سوکڙي کڻي ايندو هو ۽ رجنيءَ جي ماءُ اهي ڏسي خوشيءَ ۾ نه ماپندي

۾ هڪ ڏاهوڪو نوجوان ويٺو هئو. رجنيءَ کي ڪجھ
چوٽ آئي هئي ۽ هوءَ بيهوش ٿي وئي هئي. نوجوان
ڪار مان لهي ئي لهي تڏهن کان اڳ ماڻهن اچي هن
جي ڪار کي گهيريو. سڀ هن کي ڏوھ ڏيڻ لڳا.
نوجوان ڏٺو رجنيءَ جي پيشانيءَ تان رت وهڻ لڳو
هو. يڪدم رجنيءَ کي کڻائي پنهنجي سيٽ تي
ليٽارايائين ۽ اسپتال وٺي مريض جي ملم پٽي ڪرايائين.
ٿوري دير ۾ رجنيءَ ڪڇندي آهستي آهستي
اکيون کوليون. اڃا به هن جو مٿو ڦري رهيو هئو پر
هن پاڻ کي پلنگ تي سمهيل ڏسي ڇرڪ ڀري ورتو.
پلنگ جي ڀر ۾ اسٽول تي ويٺي هڪ نوجوان کي
پاڻ ڏانهن نهاريندو ڏسي هيڪاري هوءَ شرمائجي
وئي ۽ پنهنجي گهنجيل ڪپڙن کي ٺيڪ ڪرڻ جي
ناڪام ڪوشش ڪرڻ لڳي. هن جي اکين ۾ عجب
هئو ۽ هئو هيءُ سوال "مان ڪٿي آهيان؟"
نوجوان چيو "منهنجو نالو ارجن آهي. توهان الائي
ڪهڙن ويچارن ۾ گم هئا جو منهنجي ڪار سان ٽڪرائجي
ويا. مان ئي توهان کي اسپتال وٺي آيو آهيان.
اُميد ته توهان منهنجي غلطي معاف ڪندا." رجنيءَ
جو ايترو ٻڌڻ هو ۽ هن جي اکين ۾ ڳوڙها تري آيا.
ارجن وري چيو "توهان جو نالو ڄاڻڻ جي حماقت

اڄ رجنيءَ جي سامهون سماج جي ان انياءَ جو
ذڪر رجنيءَ جي برداشت کان ٻاهر آهي. ڇا هوءَ
سڄي عمر ماءُ جي ڪرتيءَ جي سزا ڀوڳيندي رهندي.
ان ۾ هن جو ڪهڙو قصور آهي؟ ڪڏهن اهي
ڪرسمون ختم ٿينديون جو ماءُ پيءُ جي سزا ٻار کي
نه ملندي؟ هن کي لڳو هيءَ سماج انهن ٺيڪيدارن
جي آهي جيڪي خود ڏوهه ڪري ذميوار بيقصورن
کي ٿا ٺهرائين. اهي سوال ئي رجنيءَ جي دماغ ۾
گهمي هن جي مٿي تي مترڪا هڻي رهيا هئا. هن
جو مٿو ڦاٽڻ ڪرڻ لڳو. ڪڏهن رجنيءَ کي
ننڊ اچي وئي خبر ئي نه پيس. صبوح جو اٿڻ تي
به هن جو مٿو ڪافي ڀاري هئو ۽ رالوڪيون ڳالهيون
پڻ هن جي دماغ ۾ وري تازيون ٿيڻ لڳيون. نه به
هن سنان پاڻي ڪيو ناشتو ڪري ٽفن کڻي آفيس لاءِ
نڪتي پر خيالن ۾ اهڙي مڇو هئي جو هن کي سڌ
ئي نه پئي ته ڪا ڪار هن جي روڊ ڪراس ڪرڻ
مهل هن جي ايڏو پسان اچي پهتي جو رجنيءَ کي
بچڻ جو موقعو ئي نه مليو. هوءَ ڪار جي ڇپيٽ ۾
اچي وئي. ڪار واري جي ڪا غلطي ڪو نه هئي.
غلطي هئي رجنيءَ جي دماغي بيماريءَ جي، اهي
ويچار جن هن کي پريشانيءَ ۾ وجهي ڇڏيو هو. ڪار

رجني هنن جي سماج ۾ فٽ نہ ٺهڻ ڪري ٿي پريشان هئي وغيره وغيره اهائي صفائي ڏني."

جيترا ڏينهن رجني اسپتال رهي ارجن صبوح شام هن کي ڏسڻ ايندو هو ۽ ٻئي پاڻ ۾ پيا ڳالهيون ڪندا هئا. رجنيءَ جي ٺيڪ ٿيڻ کان پوءِ بہ ارجن هنن جي گهر ايندو ويندو رهيو ۽ ڪجهہ وقت کان پوءِ ڄڻ هو هنن جي گهر جو ئي ميمبر ٿي ويو. هن کي سماج جا پراڻا رنگ ڍنگ هوندي بہ پسند نہ هئا. رجني هن کي پسند اچي وئي. ارجن جا ماءُ پيءُ ارجن جي ويچارن کان چڱيءَ طرح واقف هئا. ان ڪري ارجن شاديءَ لاءِ "ها" ڪئي آهي. ايترو ئي ٻڌي تمام خوش ٿيا. دفن ڪيل مڙدا نہ اکوڙي هنن رجنيءَ کي ڏسي پٽ جي ها ۾ ها ملائي ڇڏي.

اڄ رجني ڪنوار جي ويس ۾ ويٺي آهي ارجن گهوڙيءَ تي چڙهي بئنڊ باجن سان هن جي در تي آيو آهي. رجنيءَ کي وشواس ئي نٿو اچي تہ هيءُ سچو آهي يا سپنو، جو هن اهڙي سپني جي ڪڏهن ڪلپنا ئي ڪانہ ڪئي هئي."

اڄ سڀ چون پيا تہ "نياڻيءَ جو ڀاڳ." □

"رجني" چيو "آواز ۾ جهٽيءَ رجني؟ تون سگهان ڪري
هاڻي توهان پنهنجي ائڊريس ڏيو ته مان توهان جي
گهر وارن کي اطلاع ڪري ڇڏيان. رجنيءَ پرس مان
فون نمبر ڪڍي ارجن کي ڏنو. ارجن فون ڪري
اچي ويٺو. پوءِ ارجن چيو ته پهرين مان توهانجي هٿن
ڳوڙهن وهڻ ۽ ڪار سان ٽڪرائڻ جي سبب کي ڄاڻڻ
چاهيان ٿو. اميد ته توهان کي برو نه لڳندو. توهان
مونکي پنهنجو سڀ ڪجهه سمجهو. رجني هيڪاري
وڌيڪ روئڻ لڳي. جڏهن هن جو من سيتل ٿيو تڏهن
هن سار ۾ پنهنجي دک ڀري ڪهاڻي ارجن کي
ٻڌائي.

ارجن اڄي زماني جي نئيءَ ٽهيءَ جو نوجوان هو. هن
پاڻ اهو پرڻ ڪيو هو ته هو اهڙي ڇوڪريءَ سان
شادي ڪندو جنهن کي ٻيا ڪنهن ڏوهه جي سماج
پنهنجي ڪرسمن ۽ پراڻين ريتن رسمن مطابق قصور
وار ٺهرايو آهي. هو ڀلا ته ڪنهن دکي وڌوا سان
شادي ڪندو يا ٻيا ذاتي وڻڻ جي ڪنهن کي گهر
جي سونهن بڻائيندو جيئن ٻيا به نوجوان ان مان ڪو
سبق سکن. ارجن جي فون ڪرڻ تي رجنيءَ جا
ماءُ پيءُ يڪدم اسپتال پهتا. هن ارجن جا گهڻا ٿورا
مڃيا ۽ هن پاڻ کي قصوروار مڃڻ ۾ ڪين ڪيٻايو

With Best Compliments from

A. K. PHARMA TRADERS

(Pharmaceutical Distributors)

Dhulla House
Bapu Bazar,
JAIPUR-302003

MAYDEECARE AGENCIES

(Pharmaceutical Distributors)

PANCH BATTI
TONK (Rajasthan)

(Stockist For : RANBAXY GENERIES)

WITH BEST Compliments FROM

AJANTA ELECTRICALS

87-88, Nehru Bazar, JAIPUR-3

Phone : 67476

* **BAJAJ** –Electricals Sales & Service
* **BLUE STAR** –Voltage Stabliser
* **GEM, ZENITH** –Refrigerators

AMBER ELECTRICALS

86, Nehru Bazar, JAIPUR-3

Phone : 77755

Weston, RIICO, Bajaj

T. V. & Electric Calculators

With BEST COMPLIMENTS FROM

Hero's Textile Printers

Office : 712, Adarsh Nagar, Ashok Chowk
JAIPUR–302004

☎ Office : 40258
Resi. : 40137

TLX-0365-274 HERO–IN

SHOW ROOM

23-24, 1st Floor, Bapu Bazar,
JAIPUR–302003

Phone–47745 Cable : HEROSTEX



S. Roberts Pharmaceutical

26, Shopping Centre,
Adarsh Nagar,
,JAIPUR-4

Phone : 45471

Pharmaceutical Manufacturers

With the Best Compliments

M/s Chander Store

Maniharon-Ka-Rasta,
JAIPUR-302004

Phone : 62594

Distributors For Rajasthan :
Devidayal Pressure Cookers

Hindustan Industries

Diggi House,
JAIPUR-4

Phone : 62594

Manufacturers :

Hitkari

and

Vijay Soap

تعارف

ڪماري ڪملا ڀنڀاڻيءَ جي ڪهاڻين جو گلدستو "هڪ ٻيو مسيحا" توهان جي هٿن ۾ آهي.

هن گلدستي ۾ جيون جون ڪيتريون جهانڪيون، ڪهاڻيءَ جي روپ ۾ پيش ٿيل آهن.

ليکڪا اها پڻ ڪوشش ڪئي آهي ته هن هلندڙ يگ جي هلندڙ ماحول کي پاٺڪن جي سامهون پيش ڪري.

ڀيڻ ڪملا ڪهاڻيون اهڙيون ته سليس ٻوليءَ ۾ لکيون آهن، جو هرهڪ پاٺڪ آسانيءَ سان پڙهي سگهندو.

منهنجي خيال موجب، ڪنهن به ڪهاڻيءَ ۾ ڪو به اهڙو لفظ ڪونه آهي جنهن جو مطلب پاٺڪ سمجهي نه سگهي.

اهائي ته خوبي آهي ليکڪا جي لکڻ جي.

ڪهاڻي، ساهت جي هڪ اها شاخ آهي، جنهن جو دل ۽ دماغ تي گهرو اثر ٿئي ٿو. ڪملا جون ڪهاڻيون جزباتي هئڻ ڪري دل دماغ تي اثر ڇڏي ٿيون وڃن. سهڪ ٻولي هجڻ جي ڪري، پاٺڪ پاڻ وڌيڪ موج ماڻي سگهي ٿو.

مونکي اميد آهي ته ليکڪا، اڳتي هلي هن کان به وڌيڪ بهترين ڪهاڻيون لکي سگهندي.

اهائي منهنجي شڀ ڪامنا آهي.

ماکيجاڻي ڪانجي لعل "قاصد"

ڊي-١٣٦، راڻي پرتاپ نگر، گانڌي ڌام (ڪڇ) ٣٧٠٢٠١